جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
CARTL.

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه

جلد 17 | اڱارو 20 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 08 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 09

سڀني کان وڏو مسئلو دهشتگردي آهي، نون صوبن جو معاملو هاڻ دفن ٿيڻ گهرجي: وڏو وزير

نوان صوبا ٺاهڻ جي لاءِ 2/1 جي اڪثريت گهرجي، انهن وٽ هڪ جي ٻه اڪثريت نه آهي، اوهان تڪليف نه ڪٿو صوبائي اسيمبلي پيهرانهي کي رد ڪري، اهو معاملو هاڻ دفن ٿيڻ گهرجي

خيبرپختونخواهه مان جلد گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي ختم ڪرڻ جو طريقو ڳالهيون آهن. جيڪڏهن ڪوبه صوبو تعاون ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏي ته ڇا ڪو رستو بچي ٿو؟

ڪراچي کي صاف ڪرڻ جو هي منصوبو آهي، ڄام چاڪرو لينڊ فل سائيٽ تي ڳڏيل طور تي 5 جديد سيل تعمير ڪيا پيا وڃن جن جي تعمير ڊسمبر تائين مڪمل ڪئي ويندي

لينڊ فل سائيٽ تي ڪراچي جي ڪچري کي سائنسي ۽ منظم انداز ۾ تلف ڪيو ويندو. جديد ويسٽ مينجمينٽ سسٽم سان ماحولياتي مسئلا ۽ تعفن جي خاتمي ۾ مدد ملندي. جڏهن ته شهر جي ٻين ضلعن ۾ به عالمي معيار جا ويسٽ ڊسپوزل پوائنٽس قائم ڪيا ويندا

گورنر راڄ آئيني آهي پر جمهوري نه آهي، ڪوبه نٿو چاهي ته صوبي جي چونڊيل حڪومت کي هٽايو وڃي، هن وقت ملڪ جو سڀني کان وڏو مسئلو دهشتگردي آهي

جنهن سان روايتي طور تي ڪچرو اڇلائڻ جي طريقن سان پيدا ٿيندڙ ماحولياتي آلودگي ۽ صحت جي خطرن کي گهٽائي سگهجي. افتتاحي تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڄام چاڪرو تي سنڌ جي پهرين سينيٽري انجنيئرڊ لينڊ فل منصوبي جي پهرين مرحلي جو افتتاح ڪري ڇڏيو جيڪو سائنسي طريقي سان ڪچري جي نيڪال، ماحولياتي تحفظ ۽ ڪچري جي بهتر منتقلي جي ذريعي ڪراچي جي سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ سسٽم کي جديد بڻائڻ جي طرف هڪ وڏو قدم آهي. وڏي وزير ربن ڪا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20


ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه تقريب کي خطاب ڪندي

حڪومت شاگردن جي معياري تعليم ۽ انهن کي جديد ٽيڪنالاجي سان ليس ڪرڻ جي لاءِ سمورا ضروري وسيلا فراهم ڪندي: وزيراعظم

تعليم واري وزارت ۽ گوٽ اي آءِ جي وچ ۾ تعاون سان سڄي ملڪ ۾ شاگردن، استادن ۽ نوجوان نسل کي ترقي جا نوان امڪان ميسر ٿيندا، جديد تدريسي طريقن جي ذريعي تعليمي شعبي ۾ وڌيڪ بهتري جا موقعا ڳوليا ويندا

دانش اسڪول تعليمي انقلاب آڻڻ ۽ معياري تعليم فراهم ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت رکن ٿا وزيراعظم محمد شهباز شريف گوٽ اي آءِ پاران پاڪستان کي شروعاتي طور تي 4 هزار تعليمي سبسڪرپشنز فراهم ڪرڻ جي اعلان کي ساراهيو

انهن مان هڪ هزار سبسڪرپشنز دانش اسڪول ڪري، اسلام آباد جي استادن جي لاءِ مختص ڪيون وينديون. وزيراعظم گوٽ اي آءِ جي ٽيم جا ٿورا مڃيندي اميد ظاهر ڪئي

تعاون ترقي، خوشحالي ۽ ڳڏيل لاڳاپن جي فروغ طرف هڪ مثبت اڳڀرائي ثابت ٿيندو ۽ مستقبل ۾ جديد ٽيڪنيڪن ۽ ٽيڪنالاجيز مان فائدو کڻڻ جا وڌيڪ موقعا پيدا ٿيندا

اسڪول جي دوري دوران سندس ڪجهه استادن سان ملاقات ٿي هئي سمورن استادن سان ملاقات ڪرڻ چاهيندو ڪيس پرنسپل ان جي لاءِ چونڊيو ويو ته هو هڪ قابل ۽ شاندار شخصيت آهي ۽ دانش اسڪول ڪري ۾ تعليمي انقلاب آڻڻ جي مڪمل صلاحيت رکي ٿو

دانش اسڪول ڪري ۾ شاگردن کي نه رڳو سمورين ضروري سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن پر اهي سهولتون ان تعليمي ڍانچي کان به بهتر آهن جيڪو هن پنجاب ۾ قائم ڪيو هو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته حڪومت شاگردن جي معياري تعليم ۽ انهن کي جديد ٽيڪنالاجي سان ليس ڪرڻ جي لاءِ سمورا ضروري وسيلا فراهم ڪندي، تعليم واري وزارت ۽ گوٽ اي آءِ جي وچ ۾ تعاون سان سڄي ملڪ ۾ شاگردن، استادن ۽ نوجوان نسل کي ترقي جا نوان امڪان ميسر ٿيندا، جديد تدريسي طريقن جي ذريعي تعليمي شعبي ۾ وڌيڪ بهتر/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

ڇاتي جي ڪينسر کان متاثر عورتن کي علاج دوران جذباتي، سماجي ۽ خانداني مدد فراهم ڪرڻ ضروري آهي: آصف زرداري

پاڪستان ۾ ڇاتيءَ جو ڪينسر هزارين خاندانن کي متاثر ڪري ٿو، ان جا اثر صرف هڪ ماڻهو تائين محدود نٿا رهن

زال سميت خاندانن کي جذباتي ۽ سماجي دٻاءَ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، ان لاءِ بيماري بابت وسيع آگاهي، وقت سر طبي توجه ۽ متاثر ماڻهن جي مدد اهم آهي

جسم ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي يا ڳنڍي جي صورت ۾ فوري مناسب طبي مشورو حاصل ڪرڻ جي اهميت ياد ڏيارڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري چيو آهي، ته ڇاتي جي ڪينسر کان متاثر عورتن کي علاج /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

عورتون پنهنجي صحت کي اهميت ڏين، طبي مدد حاصل ڪرڻ ۾ هرگز هٻڪ محسوس نه ڪن: آصفه ڀٽو زرداري

سڀ پاڪستاني عورتون پنهنجي صحت کي اهميت ڏين ۽ صحت بابت ڪنهن به ڳنڍي جي صورت ۾ طبي مدد حاصل ڪرڻ ۾ هرگز هٻڪ محسوس نه ڪن

ڪين پنهنجي صحت جي حوالي سان ڳڻتي هجي ته ڪين طبي مشوري لاءِ هر گز هٻڪ محسوس نه ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد (بيورو) خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري ڇاتي جي ڪينسر بابت آگاهي وڌائڻ ۽ عورتن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

لاهور: وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچيءَ کي عوام جي راءِ وٺڻ کان سواءِ سنڌ جو حصو بڻايو ويو، نون صوبن جو قيام وقت جي ضرورت آهي: خالد مقبول صديقي

قيام پاڪستان وقت ڪراچي ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ هئي ۽ سندن ڏاڏن ڏاڏين قائداعظم جي تصور تحت هجرت ڪئي هئي

1970ع واري ڏهاڪي تائين ڪراچيءَ جو انتظامي ڍانچو موجوده صورتحال کان مختلف هو

صوبن جي بحاليءَ وقت نه ريفرينڊم ڪرايو ويو ۽ نه ئي عوامي راءِ معلوم ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي چيئرمين ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي چيو آهي ته ڪراچيءَ کي عوام جي راءِ وٺڻ کان سواءِ سنڌ جو حصو بڻايو ويو، نون صوبن جو قيام وقت جي ضرورت آهي نارٿ ناظم آباد ريزيڊنٽس/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

3 ڊالر کان گهٽ آمدنيءَ تي گذارو ڪندڙ انتهائي غريبن مان 48 سيڪڙو پاڪستان ۾ رهن ٿا: عالمي بئنڪ جي رپورٽ

اهو دنيا جو واحد خطو آهي جتي غربت جي شرح اڃا تائين ڪورونا وبا کان اڳ واري سطح کان وڌيڪ آهي

پاڪستان ۾ 2018_19 کان 2024_25 دوران ڏينهن ۾ 3 ڊالر کان گهٽ آمدنيءَ جي بنياد تي غربت ۾ 64 سيڪڙو واڌارو ٿيو

ڏينهن ۾ 4.20 ڊالر کان گهٽ آمدنيءَ جي بنياد تي غربت جي شرح ۾ به 32 سيڪڙو پوائنٽس جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) عالمي بئنڪ جي رپورٽ موجب، وچ اوڀر، اتر آفريڪا، افغانستان ۽ پاڪستان تي مشتمل خطي ۾ ڏينهن ۾ 3 ڊالر کان گهٽ آمدنيءَ تي گذارو ڪندڙ انتهائي غريبن مان 48 سيڪڙو پاڪستان ۾ رهن ٿا. اهو دنيا جو واحد خطو آهي جتي غربت جي شرح اڃا تائين ڪورونا وبا کان اڳ واري سطح کان وڌيڪ آهي رپورٽ موجب پاڪستان ۾ 2018_19 کان 2024_25 د/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

اڙان پاڪستان تحت 8 ترجيحي شعبن ۾ ڪلسٽرز جي بنياد ترقي ۽ عالمي سپلاءِ چينز سان مضبوط رابطا قائم ڪرڻا پوندا: احسن اقبال

جيئن ملڪ معاشي خودمختياري حاصل ڪندي پنهنجي ترقي لاءِ گهربل وسيلا پاڻ پيدا ڪري سگهي

افرادي قوت ۽ هنرمندي، سامونڊي معيشت ۽ تخليقي صنعتن تي ڌيان ڏنو ويندو، ڪلسٽرز جي رٿابندي خريدارن جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي ڪرڻ گهرجي

سيڙپڪاري، تربيت، بنيادي ڍانچي ۽ معيار کي عالمي مارڪيٽن ۾ دستياب موقعن سان هم آهنگ ڪرڻ گهرجي

ترجيحي مصنوعات، هدفي مارڪيٽ، پيداواري سگهه ۾ گهٽتائي، ذميوار ادارن، خرچن ۽ عملدرآمد جي وقت جي واضح نشاندهي ڪئي وڃي

اسلام آباد (بيورو) رٿابندي، ترقي، خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال روانگي واپار 100 ارب ڊالر تائين پهچائڻ لاءِ مشن 100 ارب ڊالرز جي حڪمت عملي تي عمل ڪندي چيو آهي، ته اڙان پاڪستان تحت 8 ترجيح/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ڊيرا غازي خان: وفاقي وزير سردار اويس احمد خان لغاري پريس ڪانفرنس ڪندي

بجلي چوري وارن علائقن ۾ ٽرانسفارمر بند ڪرڻ لاءِ اي پي سسٽم لڳايو پيو وڃي: وفاقي وزير

سڄي ملڪ ۾ لوڊشيڊنگ طئي ٿيل منصوبن موجب ڪئي پئي وڃي

بجلي چوري ڪندڙن ۽ بل ادا نه ڪندڙن کي ڪوبه رليف نه ڏنو ويندو

اسلام آباد (بيورو) توانائي واري وفاقي وزير اويس لغاري چيو آهي ته بجلي چوري وارن علائقن ۾ ٽرانسفارمر بند ڪرڻ لاءِ اي پي سسٽم لڳا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

سوئي سدرن پاران سنڌ جي 46 ڳوٺن کي گئس فراهم ڪرڻ لاءِ 1.922 ارب روپين جي منصوبي تي عملدرآمد جو فيصلو

انهن منصوبن تحت ضلعي سانگهڙ جي 31 ۽ ضلع شڪارپور جي 15 ڳوٺن ۽ علائقن کي گئس فراهم ڪئي ويندي

ان مقصد لاءِ مجموعي طور تي 178.52 ڪلوميٽر ڊگهي گئس پائيپ لائين نيٽ ورڪ وڇايو ويندو

اهو منصوبو سوئي سدرن جي گئس فراهم ڪرڻ واري پروگرام جي ڇهين مرحلي جو حصو آهي

اسلام آباد (بيورو) سوئي سدرن گئس ڪمپني لميٽيڊ هلندڙ مالي سال 2026_27ع دوران سنڌ جي 46 ڳوٺن ۽ علائقن تائين قدرتي گئس جي بنيادي ڍانچي کي واڌ ڏيڻ جو منصوبو جوڙيو آهي، جنهن تي 1.922 ارب روپيا لاڳت جو ڪاٿ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

اسلام اباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

اسحاق ڊار ايس سي او جي سي ايڇ جي اجلاس ۾ پاڪستاني وفد جي قيادت ڪندو

اسحاق ڊار تاجڪستان جي وزيراعظم قاهر رسول زاده جي دعوت تي اهو دورو ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار 19 ۽ 20 آڪٽوبر تي تاجڪستان جي شهر دوشنبي ۾ ٿيندڙ شنگه/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

عورتن کي ڇاتيءَ جي ڪينسر بابت درست معلومات ۽ معياري علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ قومي ذميواري آهي: بلاول ڀٽو

آگاهي مهمون تڏهن ئي مؤثر ثابت ٿينديون جڏهن طبي معائنو ۽ علاج جون سهولتون عورتن جي پهچ ۾ هونديون

عورتن کي وقت تي طبي معائني لاءِ همٿائڻ سان گڏ اهو به ٻڌائڻ گهرجي ته اهي معائنو ڪٿان ڪرائي سگهن ٿيون ۽ علاج جا خرچ ڪيئن برداشت ڪري سگهجن ٿا

ڪنهن عورت جي وقت تي تشخيص ۽ علاج جو دارومدار سندس رهائشي علائقي يا مالي وسيلن تي نه هجڻ گهرجي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته عورتن کي ڇاتيءَ جي ڪينسر بابت درست معلومات، وقت تي تشخيص ۽ معياري علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ قومي ذميواري آهي، آگاهي مهمون تڏهن ئي مؤثر ثابت ٿينديون جڏهن طبي معائنو ۽ علاج جون سهولتون عورتن جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

اسلام آباد: جسٽس حسن اظهر رضوي قائم مقام چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت جي عهدي جو حلف کڻي رهيو آهي

موبائل صارفين شڪي لنڪس تي ڪلڪ نه ڪن: اين ٽي سي

سائبر سيڪيورٽي آگاهي سال 2026ع جي مناسبت سان جاري ڪئي وئي آهي

جنهن جو مقصد شهرين ۾ ڊجيٽل تحفظ بابت آگاهي اجاگر ڪرڻ آهي

اسلام آباد (بيورو) نيشنل ٽيليڪميونيڪيشن ڪارپوريشن (اين ٽي سي) موبائل صارفين کي ايس ايم ايس ذريعي خطرن (Smishing) آن لائن/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

چين جي ڪمپني پاران سنڌ ۾ قومي شاهراهه اين_فائيو جي بحالي جو ڪم ڪرڻ جو اعلان

مواصلات واري وزارت تحت نيشنل هاءِ وي اٿارٽي ان منصوبي تي عمل ڪري رهي آهي

قومي اقتصادي ڪائونسل جي انتظامي ڪميٽي (ايڪنڪ) 27 فيبروري 2026ع تي منصوبي جي منظوري ڏني هئي

اسلام آباد (بيورو) چائنا اسٽيٽ ڪنسٽرڪشن انجنيئرنگ ڪارپوريشن لميٽيڊ کي سنڌ ۾ قومي شاهراهه اين فائيو جي مخصوص حصن جي ب/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

خيبرپختونخوا پوليس جي پگهارن ۾ واڌ ۽ ٻين ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ سمري تيار

سمري ۾ پوليس اهلڪارن کي 75 کان 120 سيڪڙو تائين سيڪيورٽي چئلينج الائونس ڏيڻ جي تجويز پيش ڪئي وئي

100 سيڪڙو ۽ هزارا ريجن جي اهلڪارن کي 75 سيڪڙو سيڪيورٽي چئلينج الائونس ڏيڻ جي تجويز ڏني وئي

پشاور (م د) خيبرپختونخوا پوليس جي پگهارن ۾ واڌ ۽ ٻين ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ سمري تيار ڪئي وئي. جيڪا گورنر خيبرپختونخوا فيص/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

پاڪستان ڪسٽمز جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچيءَ تي ڪارروائي

ممنوع غير ملڪي دوائن جي اسمگلنگ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي ۽ مسقط کان آيل هڪ عورت مسافر گرفتار

ڳجهي اطلاع تي ايئرپورٽ جي آمد واري حصي ۾ عورت مسافر جي ٻن وڏن سفري بيگن ۽ هٿ واري بيگ جي تلاشي ورتي وئي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان ڪسٽمز جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچيءَ تي ڪارروائي ڪندي ممنوع غير ملڪي دوائن جي اسمگلنگ جي ڪ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ڪراچيءَ ۾ ڪڪڙ جي گوشت جي قيمتن ۾ حيران ڪندڙ واڌ

ٽن هفتن دوران في ڪلو قيمت 190 روپيا وڌڻ سبب ڪڪڙ جو گوشت عام شهرين جي پهچ کان پري ٿي ويو

شهر ۾ ڪڪڙ جو گوشت سرڪاري نرخ 635 روپين في ڪلو بدران 680 روپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ ۾ ڪڪڙ جي گوشت جي قيمتن ۾ حيران ڪندڙ واڌارو ٿي ويو آهي. ٽن هفتن دوران في ڪلو قيمت 190 روپيا وڌڻ سبب/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي: سائيٽ ايريا ۾ گتي جي فيڪٽري کي لڳل باهه جو ڏيک

مير رضا ڪيس ۾ مرحوم جي گهروارن جوڊيشل ڪميشن جي رپورٽ خاندان کي ڏيڻ ۽ ان کي عام ڪرڻ جو مطالبو

ڪراچي (رپورٽر) مير رضا ڪيس ۾ مرحوم جي گهروارن جوڊيشل ڪميشن جي رپورٽ خاندان/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

عامر لياقت حسين جون نازيبا وڊيوز وائرل ڪرڻ جي ڪيس ۾ ملزم دانيه شاهه جا ناقابل ضمانت گرفتاري وارنٽ جاري

ڪراچي (رپورٽر) جوڊيشل مئجسٽريٽ ايسٽ مرحوم ڊاڪٽر عامر لياقت حسين جون نازيبا وڊيوز/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

سرڪاري حج اسڪيم تحت حج واجبات جي ٻي قسط جمع ڪرائڻ لاءِ (اڄ) 20 آڪٽوبر اڱارو آخري ڏينهن آهي

اسلام آباد (بيورو) سرڪاري حج اسڪيم تحت حج واجبات جي ٻي قسط جمع ڪرائڻ لاءِ (ا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

وزيراعظم پاران سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين ۽ ميجر وجاهت وحيد کي شهادت تي خراج عقيدت پيش

لاهور (م د) وزيراعظم محمد شهباز شريف بلوچستان جي قلات ۽ گوادر ضلعن ۾ پارٽي سرپرست/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

صدر پاران سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش، ميجر وجاهت وحيد جي شهادت تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري بلوچستان جي قلات ۽ گوادر ضلعن جي مختلف علائق/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

دهشتگردي خلاف پاڪستان پيپلز پارٽي جو موقف هميشه واضح رهيو آهي: شرجيل انعام ميمڻ

شهيد بينظير ڀٽو راولپنڊي ۾ پنهنجي آخري تقرير دوران چيو هو ته اسان سوات ۾ پاڪستان جو جهنڊو لهرائينداسين

پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت ٺهڻ کان پوءِ لڳ ڀڳ اٺ لک ماڻهن کي سوات کان ڪراچي ۽ ملڪ جي ٻين شهرن ڏانهن منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڏينهن جي شروعات تي تيزي

100 انڊيڪس 104.78 پوائنٽس سان وڌي هڪ لک 66 هزار 524 پوائنٽس تي پهچي ويو

جنهن مان 231 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمت ۾ اضافو، 226 ۾ گهٽتائي ۽ 115 جي قيمتن ۾ استحڪام رهيو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ سومر جي شروعات تي تيزي جو رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

وفاقي گهرو وزير پاران سيڪيورٽي فورسز کي خراج، ميجر وجاهت شهيد کي خراج عقيدت پيش

اسلام آباد (بيورو) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي قلات ۽ پسني ۾ خوارجين خلاف ڪامياب/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

نائب وزيراعظم جي صدارت ۾ کاڌي پيتي جي ضروري شين جي برآمدات جو جائزو وٺڻ جي لاءِ قائم ڪميٽي جو اجلاس

اسحاق ڊار لاڳاپيل عملدارن کي کاڌي پيتي جي ضروري شين جي اضافي پيداوار جي برآمد ۾ ايندڙ رڪاوٽون ختم ڪرڻ ۽ واپار ۾ سهولت فراهم ڪرڻ جي لاءِ عملي قدمن جي هدايت

نائب وزيراعظم جي صدارت ۾ کاڌي پيتي جي ضروري شين جي برآمدات جو جائزو وٺڻ جي لاءِ قائم ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار اجلاس جي صدارت ڪندي

گوادر ۾ "فتنه الهندوستان" خلاف ڪارروائيون ڪندي 4 دهشتگرد ماري ڇڏيا، هڪ ميجر شهيد

سيڪيورٽي فورسز گوادر جي علائقي شادي ڪور ۾ ڪليئرنس آپريشن جو سلسلو شروع ڪيو، جنهن دوران سيڪيورٽي فورسز جي دستي کي آءِ ڊي ءِ سان نشانو بڻايو ويو

ضلعي گوادر جي تحصيل پسني جي علائقي شادي ڪور ۾ دهشتگردن جي خاتمي ۽ علائقي کي محفوظ بڻائڻ لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري هو

ان دوران سيڪيورٽي فورسز جي دستي کي ديسي ساختي ڌماڪيدار مواد (آءِ اي ڊي) سان نشانو بڻايو ويو

راولپنڊي (م د) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعي قلات ۽ گوادر ۾ "فتنه الهندوستان" خلاف ڪارروائيون ڪندي 4 دهشتگرد ماري ڇڏيا، جڏهن ته پاڪ فوج جي ميجر وجاهت وحيد شهادت جو رتبو ماڻيو پاڪ فوج جي شعبي تعلقات/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

جسٽس حسن اظهر رضوي قائم مقام چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت جي عهدي جو حلف کنيو

جسٽس عامر فاروق، جسٽس حسن اظهر رضوي کان قائم مقام چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت جو حلف ورتو

19 کان 22 آڪٽوبر تائين آذربائيجان ۾ ترڪ دنيا جي آئيني عدالتن ۽ آئيني دائري اختيار رکندڙ ادارن جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري رهيو آهي

چيف جسٽس امين الدين خان جي غير موجودگيءَ ۾ جسٽس حسن اظهر رضوي قائم مقام چيف جسٽس جا فرائض سرانجام ڏيندو

اسلام آباد (بيورو) جسٽس حسن اظهر رضوي قائم مقام چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت جي عهدي جو حلف کنيو حلف برداريءَ جي تقريب وفاقي آئيني عدالت ۾ منعقد ٿي. جسٽس عامر فاروق، جسٽس حسن اظهر رضوي کان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

اسڪولن کان ٻاهر ٻارن جي تعليمي ادارن ۾ واپسي ۽ معياري تعليم تائين برابر رسائي يقيني بڻائڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي: مملڪتي وزير

عالمي اداري (ورلڊ فوڊ پروگرام) جي اعليٰ سطحي وفد سان ملاقات دوران ڪيو جنهن وفاقي تعليم ۽ پيشيوارانه تربيت واري وزارت ۾ ساڻس ملاقات

ڪنٽري ڊائريڪٽر انيتا هرش، سينئر پروگرام پاليسي آفيسر ڪرينا برهم پٽ ۽ ڊبليو ايف پي پاڪستان جي پارٽنرشپس آفيسر روبينه ذوالقرنين شامل هيون

جامع تعليمي پاليسين، اسڪولن ۾ غذائي پروگرامن ۽ تعليمي ادارن ۾ ٻارن جي داخلائن ۽ حاضري جي شرح بهتر بڻائڻ لاءِ ڳڏيل قدمن تي تفصيلي ڳالهيون

نياڻين جي تعليم رڳو هڪ تعليمي ترجيح ناهي پر پاڪستان جي سماجي ۽ معاشي ترقي، عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ روشن مستقبل جي به ضمانت آهي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي تعليم ۽ پيشيوارانه تربيت بابت مملڪتي وزير وجيهه قمر چيو آهي، ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي بصيرت واري قيادت ۾ پاڪستان حڪومت نياڻين جي تعليم کي هٿي ڏيڻ، اسڪولن کان ٻاهر ٻارن جي تعلي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

اسلام آباد: وفاقي تعليم ۽ پيشيوارانه تربيت بابت مملڪتي وزير وجيهه قمر جو اڳواڻن سان گڏ نڪتل گروپ فوٽو

ميجر وجاهت وحيد شهيد کي خراج عقيدت، هن بهادري، عزم ۽ حب الوطني جو لازوال مثال قائم ڪيو: ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري

اسلام آباد (بيورو) پارلياماني معاملن بابت وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌريءَ ميجر وجاهت /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر پاران 4 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (بيورو) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق بلوچستان ۾ فتنه الهندستان جي دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائيءَ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

خيبرپختونخوا ۾ پي ٽي آءِ حڪومت پنهنجون آئيني ذميواريون ادا ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي: عقيل ملڪ

ايمرجنسي معدنيات لاءِ نه پر سيڪيورٽي جي صورتحال سبب لڳائي وئي اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس

جمعيت علماءِ اسلام طرفان الزام لڳايا پيا وڃن ته ايمرجنسي لڳائڻ جو فيصلو معدني وسيلن سبب ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) قانون واري مملڪتي وزير بئريسٽر عقيل ملڪ چيو آهي ته خيبرپختونخوا ۾ پي ٽي آءِ حڪومت پنهنجون آئيني ذميواريون ادا ڪ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ضبط ڪيل سون جون سليون واپس نه ڪرڻ تي ڪليڪٽر کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ضبط ڪيل سون جون سليون واپس نه ڪرڻ تي ڪلي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

وفاقي آئيني عدالت عورت ٽيچر خلاف بينظير ڀٽو شهيد يونيورسٽيءَ جي اپيل رد ڪري ڇڏي

عورت ٽيچر پي ايڇ ڊي ڪانپوءِ 3 سال يونيورسٽيءَ ۾ ڪم ڪيو ٽن سالن جي مدت پوري ڪرڻ ڪانپوءِ يونيورسٽي عورت ٽيچر کي تنگ ڪري رهي آهي: جسٽس حسن اظهر رضوي

عورت ٽيچر کي حڪومت 56 لک جي اسڪالرشپ ڏني هئي، عورت ٽيچر کي ٽن سالن تائين يونيورسٽيءَ ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻيون هيون: وڪيل

يونيورسٽيءَ موڪل جون درخواستون منظور ڪيون، عورت ٽيچر استعيفيٰ ڇو ڏني؟ اسسٽنٽ پروفيسر جي سيٽ تي توهان عورت کي چونڊيو ڪونه، ٻاهران ماڻهو وٺي آيا

اسلام آباد (بيورو) وفاقي آئيني عدالت عورت ٽيچر خلاف بينظير ڀٽو شهيد يونيورسٽيءَ جي اپيل رد ڪري ڇڏي، قائم مقام چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت جسٽس حسن اظهر رضوي ريمارڪس ڏنا ته عورت ٽيچر پي ايڇ ڊي ڪانپوءِ 3 /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
اڱارو 20 آڪٽوبر 2026 ع بمطابق 08 جمادي الاول 1448ھ

دهشتگردي خلاف اتحاد ۽ جمهوري استحڪام

پاڪستان هن وقت دهشتگردي، معاشي بحران، سياسي ڇڪتاڻ ۽ جمهوري ادارن جي ڪمزور ٿيندڙ اعتماد جهڙن ڪيترن ئي چئلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ پاران خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي ختم ڪرڻ لاءِ مخالف ڌر کي دهشتگرديءَ خلاف وفاقي حڪومت سان گڏ بيهڻ جي آڇ سياسي بحث جو اهم موضوع بڻجي وئي آهي. بلاول ڀٽو زرداريءَ ڪارساز سانحي جي 19هين ورسيءَ جي موقعي تي خطاب ڪندي چيو آهي ته جيڪڏهن مخالف ڌر دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ وفاقي حڪومت جو ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار آهي ته ايمرجنسي ختم ڪرڻ بابت اڳڀرائي ٿي سگهي ٿي. هن خيبر پختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريديءَ جي دهشتگرديءَ خلاف جنگ بابت موقف تي به تنقيد ڪئي ۽ واضح ڪيو ته پيپلز پارٽي دهشتگرديءَ خلاف جنگ جاري رکڻ جي حمايت ڪري ٿي. هن بيان جي اهميت رڳو حڪومتي ۽ مخالف ڌر جي سياسي ڇڪتاڻ تائين محدود نه آهي، پر ان جو تعلق ملڪ جي سلامتي، وفاقي نظام، جمهوري عمل ۽ عوام جي مستقبل سان پڻ آهي.

دهشتگردي پاڪستان لاءِ ڪو نئون مسئلو نه آهي. ملڪ جي مختلف علائقن ۾ دهشتگرد حملن سبب عام شهرين، سيڪيورٽي اهلڪارن، سياسي اڳواڻن ۽ سماجي ڪارڪنن جون قيمتي جانيون ضايع ٿيون آهن. دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ پاڪستاني فوج، پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن سان گڏ عام شهرين به وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. ڪارساز سانحو پڻ سياسي تاريخ جو اهڙو دردناڪ واقعو آهي، جنهن ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ وطن واپس آيل شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي استقبال لاءِ گڏ ٿيل ماڻهن کي نشانو بڻايو ويو ۽ ڪيترائي ماڻهو حياتيون وڃائي ويٺا. ان واقعي جي ورسيءَ تي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ سان گڏ اهو سوال به اهم بڻجي ٿو ته ملڪ کي تشدد، انتهاپسندي ۽ سياسي عدم برداشت کان نجات ڏيارڻ لاءِ ڪهڙا عملي قدم کنيا پيا وڃن.

دهشتگرديءَ جو مقابلو رڳو فوجي ڪارروائين سان مڪمل نٿو ٿي سگهي. ان لاءِ قومي سطح تي واضح حڪمت عملي، انٽيليجنس ادارن جي بهتر هم آهنگي، پوليس جي صلاحيتن ۾ واڌ، سرحدن جي نگراني، دهشتگردن جي مالي مدد جا رستا بند ڪرڻ ۽ متاثر علائقن ۾ تعليم، روزگار ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي ضروري آهي. دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ رياست جي طاقت سان گڏ عوام جو اعتماد پڻ اهم آهي. جيڪڏهن شهرين کي تحفظ، انصاف ۽ برابر موقعا ملندا ته انتهاپسند سوچ جي اثرن کي گهٽائڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. ان ڪري دهشتگرديءَ خلاف جنگ کي رڳو سياسي بيانن يا هڪ ٻئي تي الزام هڻڻ تائين محدود رکڻ بدران هڪ گڏيل قومي پاليسيءَ تحت اڳتي وڌائڻ گهرجي.

بلاول ڀٽو زرداريءَ جو اهو چوڻ ته دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ سمورين سياسي ڌرين کي گڏ بيهڻ گهرجي، پنهنجي جاءِ تي هڪ اهم سياسي نڪتو آهي. قومي سلامتيءَ جهڙي حساس معاملي تي سياسي اختلافن باوجود گهٽ ۾ گهٽ گڏيل مقصد ۽ اصول طئي ڪرڻ ضروري آهن. پر اهڙي اتحاد لاءِ حڪومت ۽ مخالف ڌر ٻنهي کي پنهنجي ذميوارين جو احساس ڪرڻو پوندو. حڪومت کي به مخالف ڌر جي خدشن کي ٻڌڻ، پارليامينٽ کي اعتماد ۾ وٺڻ ۽ پاليسين بابت واضح وضاحتون ڏيڻ گهرجن، جڏهن ته مخالف ڌر کي پڻ قومي سلامتيءَ جي معاملن تي پنهنجو موقف دليلن ۽ حقيقتن جي بنياد تي پيش ڪرڻ گهرجي. سياسي اختلاف جمهوريت جو حصو آهن، پر انهن کي اهڙي سطح تي نه پهچڻ گهرجي، جتي ملڪ جي سلامتي ۽ عوام جي تحفظ بابت ضروري فيصلا سياسي مقابلي جي ورچڙهي وڃن.

خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي يا گورنر راڄ بابت بحث کي به سنجيدگيءَ سان ڏسڻ جي ضرورت آهي. ڪنهن به صوبي ۾ غيرمعمولي انتظامي بندوبست جو فيصلو رڳو سياسي بيان يا اقتداري اختلافن جي بنياد تي نه ٿيڻ گهرجي. اهڙي قدم لاءِ آئين، قانون، امن امان جي صورتحال ۽ صوبائي حڪومت جي آئيني حيثيت کي سامهون رکڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ڪنهن صوبي ۾ دهشتگردي وڌي رهي آهي ته ان جو حل عوام جي چونڊيل نمائندن کي غيرضروري طور پاسيرو ڪرڻ بدران وفاقي ۽ صوبائي ادارن وچ ۾ اثرائتي هم آهنگي پيدا ڪرڻ ۾ آهي. صوبائي حڪومت کي به پنهنجي علائقي ۾ امن قائم رکڻ، عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ ۽ دهشتگرديءَ خلاف رياستي ذميوارين جي ادائيگيءَ ۾ سنجيدگي ڏيکارڻي پوندي. ساڳئي وقت وفاقي حڪومت کي صوبن سان لاڳاپا بهتر رکندي گڏيل حڪمت عمليءَ تي عمل ڪرڻ گهرجي.

بلاول ڀٽو زرداريءَ پاران مخالف ڌر کي چونڊ سڌارن بابت پارلياماني ڪميٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت پڻ اهميت رکي ٿي. پاڪستان ۾ چونڊن جي شفافيت، چونڊ نتيجن تي اعتماد، سياسي جماعتن جي برابريءَ وارن موقعن ۽ چونڊ نظام جي بهتري بابت اختلاف وقت بوقت سامهون ايندا رهيا آهن. انهن مسئلن جو پائيدار حل پارليامينٽ اندر ڳالهين، گڏيل مشاورت ۽ اهڙن سڌارن ۾ آهي، جن تي سياسي ڌرين جو وسيع اتفاق هجي. جيڪڏهن حڪومت ۽ مخالف ڌر چونڊ سڌارن کي سياسي فائدي بدران جمهوري نظام جي مضبوطيءَ لاءِ استعمال ڪن ته عوام جو ادارن تي اعتماد وڌائڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. ان مقصد لاءِ ضروري آهي ته ڪميٽين ۾ رڳو نمائندگي نه هجي، پر تجويزن تي کليل بحث، شفافيت ۽ عملدرآمد جو واضح طريقو پڻ موجود هجي.

ملڪ جو معاشي بحران به سياسي ۽ سلامتيءَ جي مسئلن کان الڳ نه آهي. مهانگائي، بيروزگاري، بجلي ۽ گئس جي اگهن ۾ واڌ، ڪاروباري سرگرمين ۾ ڍلائپ ۽ عام ماڻهن جي آمدنيءَ تي وڌندڙ دٻاءَ عوام جي زندگيءَ کي متاثر ڪري رهيا آهن. بلاول ڀٽو زرداريءَ پڻ معاشي صورتحال بابت خدشن جو اظهار ڪيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ سياسي قيادت جي ذميواري آهي ته هو معاشي مسئلن کي سياسي بيانن کان اڳتي کڻي وڃي ۽ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ قابل عمل تجويزون پيش ڪري. حڪومت کي روزگار جا موقعا وڌائڻ، تعليم ۽ صحت تي خرچ بهتر ڪرڻ، مهانگائيءَ جي اثرن کي گهٽائڻ ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورڇ لاءِ قدم کڻڻ گهرجن. مخالف ڌر کي به رڳو تنقيد ڪرڻ بدران متبادل معاشي پاليسيون پيش ڪرڻ گهرجن، ته جيئن پارليامينٽ اندر عوامي مسئلن تي بامقصد بحث ٿي سگهي.

بلاول ڀٽو زرداريءَ جي بيان ۾ نون صوبن يا انتظامي يونٽن جو سوال پڻ شامل آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ آصف علي زرداريءَ جي پاليسي بابت محسن نقويءَ کي ڄاڻ آهي ۽ صوبا آئيني ۽ قانوني طريقي سان ٺهي سگهن ٿا. هن سوال اٿاريو ته جتي اتفاق راءِ موجود هجي، اتي نوان صوبا ڇو نه ٺاهيا وڃن؟ پاڪستان ۾ انتظامي يونٽن جي قيام بابت بحث کي جذباتي نعريبازيءَ يا سياسي فائدي جي نظر سان ڏسڻ بدران آئيني، انتظامي، معاشي ۽ عوامي ضرورتن جي بنياد تي پرکڻ گهرجي. نون صوبن بابت ڪنهن به تجويز ۾ لاڳاپيل علائقن جي ماڻهن جي راءِ، وسيلن جي ورڇ، مالي خودمختياري، انتظامي صلاحيت ۽ آئيني گهرجن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.

خاص طور سنڌ بابت صوبن جي ورهاست جو سوال انتهائي حساس آهي. سنڌ جي تاريخي سڃاڻپ، جاگرافيائي وحدت، ٻولي، ثقافت ۽ وسيلن سان عوام جا گهرا جذبا وابسته آهن. ان ڪري سنڌ جي ورهاست يا نئين صوبي بابت ڪنهن به سياسي بحث ۾ سنڌ جي ماڻهن جي خدشن ۽ راءِ کي بنيادي اهميت ڏيڻ ضروري آهي. انتظامي سهولتن جي بهتريءَ لاءِ تجويزون پيش ڪرڻ ۽ ڪنهن صوبي جي تاريخي وحدت بابت خدشا پيدا ڪرڻ ۾ مختلف معاملا آهن. سنڌ سميت هر صوبي جي وحدت، خودمختياري ۽ آئيني حقن جو احترام ڪندي انتظامي مسئلن جو حل ڳولڻ گهرجي. نون صوبن بابت بحث ۾ ڪنهن به فيصلي کي زبردستي مڙهڻ بدران آئيني طريقيڪار، وسيع اتفاق راءِ ۽ لاڳاپيل ماڻهن جي رضامنديءَ کي اوليت ملڻ گهرجي.

پاڪستان کي هن وقت اهڙي سياسي ماحول جي ضرورت آهي، جتي اختلافن کي دشمنيءَ بدران ڳالهين ذريعي حل ڪيو وڃي. دهشتگرديءَ خلاف جنگ، معاشي بحران، چونڊ سڌارا ۽ صوبن بابت بحث سڀ اهم قومي معاملا آهن. پر انهن کي هڪ ٻئي خلاف سياسي دٻاءَ جو ذريعو بڻائڻ سان مسئلا حل نه ٿيندا. جيڪڏهن حڪومت مخالف ڌر کي گڏ کڻي هلڻ جي دعويٰ ڪري ٿي ته ان کي ڳالهين لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻو پوندو. ساڳئي وقت مخالف ڌر کي به قومي معاملن تي ذميوارانو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. اهڙي گڏيل ڪوشش سان ئي پارليامينٽ کي اثرائتو بڻائي سگهجي ٿو ۽ جمهوري نظام تي عوام جو اعتماد مضبوط ڪري سگهجي ٿو.

ڪارساز سانحي جي شهيدن کي حقيقي ڀيٽا ان ڳالهه ۾ آهي ته ملڪ ۾ اهڙو نظام قائم ڪيو وڃي، جتي سياسي اختلافن جو جواب تشدد بدران دليلن سان ڏنو وڃي، عوام جي جان ۽ مال کي تحفظ حاصل هجي ۽ رياستي ادارا آئين جي دائري ۾ رهي پنهنجون ذميواريون ادا ڪن. دهشتگرديءَ جو خاتمو، جمهوري ادارن جي مضبوطي، معاشي انصاف ۽ صوبن جي آئيني حقن جو احترام هڪ ٻئي سان ڳنڍيل مقصد آهن. بلاول ڀٽو زرداريءَ جي مخالف ڌر کي ڏنل آڇ کي به انهيءَ وسيع تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي: ڇا سياسي جماعتون پنهنجي اختلافن کان مٿانهون ٿي عوام جي تحفظ، امن ۽ جمهوري استحڪام لاءِ گڏيل رستو اختيار ڪري سگهن ٿيون؟ ان سوال جو جواب بيانن سان نه، پر سنجيده ڳالهين، شفاف فيصلن ۽ عملي قدمن سان ئي ملي سگهندو.

آبناءِ هرمز جي جنگ، دنيا جي معيشت داءَ تي— آمريڪا ۽ ايران مان ڪير پوئتي هٽندو؟

غلام مصطفيٰ جمالي

دنيا جي تاريخ ۾ ڪي ساموندي لنگهه رڳو پاڻيءَ جا رستا نه هوندا آهن، پر اهي عالمي معيشت جي شهه رڳ بڻجي ويندا آهن. آبناءِ هرمز به اهڙوئي هڪ اهم لنگهه آهي، جتي ساموندي لهرن سان گڏ عالمي طاقتن جا مفاد، تيل جي واپار، سفارتي دٻاءَ ۽ جنگ جا خطرا هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي رهيا آهن. هن اهم ساموندي لنگهه بابت آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڇڪتاڻ سڄي دنيا کي ان سوال آڏو آڻي بيهاريو آهي ته ڇا طاقت جي زور تي ڪنهن ملڪ کي جهڪائي سگهجي ٿو، يا آخرڪار هر جنگ کي ڳالهين جي ميز تي ئي واپس اچڻو پوي ٿو؟

آبناءِ هرمز جي اهميت کي سمجهڻ لاءِ اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته دنيا جي تيل ۽ مائع قدرتي گئس جي واپار جو لڳ ڀڳ پنجون حصو هن رستي تان گذرندو رهيو آهي. نار فارس جي تيل پيدا ڪندڙ ملڪن لاءِ هي عالمي مارڪيٽن تائين پهچڻ جو اهم رستو آهي. جيڪڏهن هتي ساموندي جهازن جي اچ وڃ متاثر ٿئي ٿي ته ان جا اثر رڳو آمريڪا يا ايران تائين محدود نٿا رهن، پر ايشيا، يورپ ۽ دنيا جي ٻين خطن تائين پکڙجي وڃن ٿا. تيل جون قيمتون وڌن ٿيون، سامان جي ڍوئڻ جا خرچ وڌن ٿا، جهازن جي تحفظ لاءِ بيمه مهانگي ٿئي ٿي ۽ آخرڪار انهن سڀني خرچن جو بار عام ماڻهوءَ کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو.

اهو ئي سبب آهي جو آبناءِ هرمز ۾ ٿيندڙ ڪنهن به فوجي ڪارروائيءَ کي رڳو ٻن ملڪن جو پاڻ ۾ تڪرار سمجهڻ درست نه ٿيندو. هي اهڙو بحران آهي، جنهن ۾ هر گولي، هر ميزائل ۽ هر خطري واري خبر عالمي مارڪيٽن ۾ بيچيني پيدا ڪري سگهي ٿي. جڏهن واپاري جهازن کي نشانو بڻائڻ جون خبرون سامهون اچن ٿيون ته ساموندي واپار ڪندڙ ڪمپنيون پنهنجن رستن، عملي جي سلامتي ۽ سفر جي خرچن بابت ٻيهر سوچڻ لڳن ٿيون. نتيجي ۾ سامان جي پهچائڻ جو عمل سست ۽ مهانگو ٿئي ٿو. جڏهن ته توانائيءَ جي فراهميءَ بابت غير يقيني صورتحال وڌي وڃي ٿي.

آمريڪا جي حڪمت عمليءَ جو بنيادي مقصد ايران تي اقتصادي ۽ فوجي دٻاءَ برقرار رکڻ ۽ کيس جوهري پروگرام سميت اهم معاملن تي رعايتون ڏيڻ لاءِ آماده ڪرڻ آهي. واشنگٽن جو خيال آهي ته پابنديون، ساموندي ناڪابندي ۽ فوجي برتريءَ وسيلي تهران کي ڳالهين دوران پنهنجون شرطون نرم ڪرڻ تي مجبور ڪري سگهجي ٿو. پر سوال اهو آهي ته ڇا دٻاءَ جي اها پاليسي واقعي مستقل امن ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿي؟ جيڪڏهن ڪنهن ملڪ کي مسلسل اقتصادي مشڪلاتن ۽ فوجي خطرن کي منهن ڏيڻو پوي ته ان ڳالهه جي ڪا ضمانت ناهي ته اهو هميشه پوئتي هٽي ويندو. ڪڏهن دٻاءَ ڳالهين جو رستو کولي ٿو ته ڪڏهن ساڳيو دٻاءَ مزاحمت کي وڌيڪ سخت بڻائي ڇڏي ٿو.

ايران به ان حقيقت کان واقف آهي ته آبناءِ هرمز عالمي توانائيءَ جي واپار لاءِ ڪيترو اهم آهي. ان ڪري هن ساموندي لنگهه جي سلامتي ۽ آمدرفت کي ڳالهين ۾ اهم معاملو سمجهيو وڃي ٿو. تهران لاءِ هي رستو رڳو جاگرافيائي اهميت نٿو رکي، پر اهو سندس علائقائي حيثيت ۽ سفارتي اثر رسوخ جو ذريعو پڻ آهي. تنهن هوندي به ڪنهن به ملڪ لاءِ پنهنجي جاگرافيائي اهميت کي اهڙي نموني استعمال ڪرڻ، جو عالمي واپار ۽ ٻين ملڪن کي توانائيءَ جي فراهمي خطري ۾ پئجي وڃي، هڪ اهڙي حڪمت عملي آهي، جنهن جا نقصان پاڻ ان ملڪ کي به ڀوڳڻا پئجي سگهن ٿا. عالمي معيشت کي يرغمال بڻائي حاصل ڪيل رعايتون مستقل امن جي ضمانت ناهن هونديون.

اصل سوال اهو آهي ته آمريڪا ۽ ايران مان ڪير پوئتي هٽندو؟ ممڪن آهي ته ٻئي ملڪ پنهنجن عوام آڏو ڪمزوريءَ جو تاثر ڏيڻ کان بچڻ چاهيندا هجن. آمريڪا پنهنجي عالمي طاقت ۽ اتحادي ملڪن آڏو پنهنجي ساک برقرار رکڻ چاهي ٿو. جڏهن ته ايران پنهنجي خودمختياري، سلامتي ۽ علائقائي حيثيت تي سمجهوتو ڪرڻ کان پاسو ڪري ٿو. اهڙين حالتن ۾ ٻنهي ڌرين لاءِ سڌيءَ طرح پوئتي هٽڻ سياسي طور ڏکيو ٿي سگهي ٿو. پر عالمي سياست ۾ ڪاميابيءَ جو مطلب هميشه مخالف ڌر کي مڪمل شڪست ڏيڻ ناهي هوندو. ڪڏهن ڪڏهن محدود سمجهوتو وڏي جنگ کان بچڻ جو سڀ کان اثرائتو رستو ثابت ٿيندو آهي.

اهڙي صورتحال ۾ سفارتڪاريءَ جي اهميت وڌي وڃي ٿي. جيڪڏهن ايران آبناءِ هرمز کولڻ بابت ڪا تجويز پيش ڪري ٿو ۽ آمريڪا به ساموندي واپار جي سلامتي، جوهري معاملن ۽ علائقائي استحڪام کي اهم قرار ڏئي ٿو ته ٻنهي ڌرين وٽ ڳالهين لاءِ گڏيل بنياد موجود ٿي سگهي ٿو. اصل مسئلو اهو آهي ته ڇا اهي ان بنياد کي استعمال ڪرڻ لاءِ تيار آهن؟ ڳالهين جي ڪاميابيءَ لاءِ ضروري آهي ته مطالبا واضح هجن، شرطون عمل لائق هجن ۽ ٻنهي پاسن کان اهڙا قدم کنيا وڃن، جن سان اعتماد بحال ٿي سگهي. رڳو سخت بيانن، ڌمڪين ۽ طاقت جي مظاهري سان ڪنهن پيچيده تڪرار کي مستقل طور حل نٿو ڪري سگهجي. هن بحران ۾ ٻاهرين ملڪن جو ڪردار پڻ غير معمولي اهميت رکي ٿو. قطر، سعودي عرب، گڏيل عرب امارتن، ڪويت ۽ ٻين علائقائي ملڪن جا مفاد آبناءِ هرمز جي سلامتيءَ سان ڳنڍيل آهن. جيڪڏهن هن خطي ۾ جنگ پکڙجي ٿي ته انهن ملڪن جي توانائيءَ جي برآمدات، سيڙپڪاري، واپار ۽ شهرين جي سلامتي متاثر ٿي سگهي ٿي. انهيءَ ڪري علائقائي ملڪن کي رڳو ڪنهن هڪ طاقت جي موقف جي حمايت ڪرڻ بدران اهڙو رستو ڳولڻ گهرجي، جيڪو ڇڪتاڻ گهٽائي ۽ ساموندي واپار لاءِ محفوظ ماحول پيدا ڪري. خطي ۾ امن رڳو ٻاهرين طاقتن جي فوجي موجودگيءَ سان قائم نٿو رهي سگهي، پر ان لاءِ علائقائي سهڪار ۽ گڏيل اعتماد پڻ ضروري آهي.

پاڪستان لاءِ هي بحران خاص اهميت رکي ٿو. اسان جي معيشت توانائيءَ جي درآمد تي ڀاڙي ٿي. تنهنڪري عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ واڌ پاڪستان لاءِ مهانگائي، واپاري خساري ۽ پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن تي دٻاءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿي. جڏهن تيل مهانگو ٿئي ٿو ته ان جا اثر رڳو پيٽرول پمپن تائين محدود نٿا رهن. بجليءَ جي پيداوار، آمدرفت، زراعت، صنعت ۽ کاڌي پيتي جي شين جون قيمتون پڻ متاثر ٿين ٿيون. اهڙيءَ ريت آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ هزارين ميل پري ٿيندڙ ڇڪتاڻ جو بار پاڪستان جي عام شهريءَ جي گهريلو بجيٽ تائين پهچي سگهي ٿو.

هڪ مزدور، جيڪو اڳ ئي محدود آمدنيءَ ۾ پنهنجو گهر هلائي رهيو هجي، هڪ آبادگار، جنهن لاءِ پاڻي، ڊيزل ۽ آبپاشيءَ جا خرچ وڌي رهيا هجن، يا هڪ ننڍو واپاري، جنهن لاءِ سامان جي ڍوئڻ جا خرچ مهانگا ٿي رهيا هجن، انهن سڀني لاءِ عالمي ڇڪتاڻ رڳو اخبار جي خبر ناهي رهندي، پر روزمره زندگيءَ جو مسئلو بڻجي ويندي آهي. پاڪستان کي اهڙين حالتن ۾ توانائيءَ جي فراهميءَ جا متبادل ذريعا ڳولڻ، اثرائتي سفارتڪاري ڪرڻ ۽ اقتصادي منصوبابنديءَ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. ان سان گڏ عالمي برادريءَ کي اهو پيغام به ڏيڻ گهرجي ته ساموندي رستن جي سلامتي ۽ عالمي واپار جو تحفظ ڪنهن هڪ ملڪ جو نه، پر سڀني جو گڏيل فرض آهي.

هن بحران جو هڪ ٻيو پاسو عالمي ادارن جي ذميواري آهي. جيڪڏهن واپاري جهاز مسلسل خطرن کي منهن ڏين ۽ عالمي توانائيءَ جي فراهمي غير يقيني بڻجي وڃي ته رڳو فوجي اتحادين تي ڀاڙڻ ڪافي ناهي. گڏيل قومن ۽ لاڳاپيل ساموندي ادارن کي سفارتي رابطن، انساني تحفظ ۽ عالمي ساموندي قانونن جي احترام لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. سڀني ڌرين کي سمجهڻو پوندو ته واپاري جهاز ۽ انهن جي عملي جي سلامتيءَ کي سياسي دٻاءَ جي هٿيار طور استعمال ڪرڻ عالمي واپار ۽ انساني جانين ٻنهي لاءِ خطرناڪ آهي.اها به حقيقت آهي ته جنگ جو نقصان رڳو جنگ جي ميدان تائين محدود ناهي هوندو. جنگ دوران سيڙپڪار محتاط ٿي وڃن ٿا، ڪاروباري منصوبا ملتوي ٿين ٿا، ترقي پذير ملڪن لاءِ قرضن ۽ درآمدن جا خرچ وڌي وڃن ٿا ۽ غريب خاندان پنهنجون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ وڌيڪ جدوجهد ڪن ٿا. وڏيون طاقتون پنهنجي فوجي وسيلن ۽ اقتصادي دٻاءَ وسيلي پنهنجي پوزيشن مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون، پر انهن جي فيصلن جا اثر اڪثر انهن ملڪن تائين پهچن ٿا، جن جو ان تڪرار ۾ ڪو به فيصلائتو ڪردار ناهي هوندو. انهيءَ ڪري عالمي قيادت جو اصل امتحان رڳو پنهنجي طاقت ڏيکارڻ نه، پر پنهنجن فيصلن جي انساني ۽ اقتصادي نتيجن کي سمجهڻ پڻ آهي.

۽ ايران وچ ۾ موجوده ڇڪتاڻ جو نتيجو رڳو اهو طئي نه ڪندو ته آبناءِ هرمز بابت ڪنهن جو موقف غالب اچي ٿو، پر اهو به ظاهر ڪندو ته عالمي سياست ۾ طاقت ڪيئن استعمال ڪئي وڃي ٿي ۽ ڇا مخالف ملڪ پنهنجا اختلاف ڳالهين وسيلي حل ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. جيڪڏهن ٻئي ڌريون پنهنجي موقف کي انا جو مسئلو بڻائي ڇڏين ٿيون ته هر نئين ڪارروائي وڌيڪ جوابي ڪارروائيءَ کي جنم ڏئي سگهي ٿي. ان جي ابتڙ، جيڪڏهن اهي محدود پر تصديق لائق ٺاهه تي راضي ٿين ٿيون ته ساموندي آمدرفت بحال ڪرڻ، جنگ جا خطرا گهٽائڻ ۽ وڏي تڪرار جي حل لاءِ رستو نڪري سگهي ٿو. آخرڪار آمريڪا هجي يا ايران، ڪنهن به ملڪ جي حقيقي ڪاميابي ان ۾ ناهي ته هو مخالف ڌر کي هر قيمت تي جهڪائي ڇڏي. حقيقي ڪاميابي اها هوندي ته عالمي واپار محفوظ رهي، توانائيءَ جي فراهمي بحال هجي، خطي جا ملڪ جنگ جي خطري کان ٻاهر نڪرن ۽ عام انسان کي مهانگائي ۽ تباهيءَ کان بچائي سگهجي. جيڪڏهن ڪنهن ٺاهه وسيلي اهي مقصد حاصل ٿين ٿا ته ان کي ڪمزوري نه، پر سياسي ڏاهپ سمجهڻ گهرجي. آبناءِ هرمز جون لهرون اڄ دنيا کي هڪ واضح پيغام ڏئي رهيون آهن ته جنگ شروع ڪرڻ شايد آسان هجي، پر ان جي اثرن کي قابو ۾ رکڻ انتهائي ڏکيو آهي. آمريڪا پنهنجي طاقت باوجود عالمي معيشت کي اڻڄاتل مدي تائين غيريقيني صورتحال ۾ نٿو رکي سگهي. جڏهن ته ايران به پنهنجي جاگرافيائي اهميت کي هميشه لاءِ اقتصادي دٻاءَ جي هٿيار طور استعمال نٿو ڪري سگهي. ٻنهي لاءِ بهتر رستو اهو آهي ته ڌمڪين بدران ڳالهين، ٽڪراءَ بدران سمجهوتي ۽ وقتي سياسي فائدي بدران مستقل امن کي ترجيح ڏين. دنيا کي هن وقت ڪنهن فاتح جي اعلان کان وڌيڪ اهڙي ٺاهه جي ضرورت آهي. جيڪو جنگ جا در بند ڪري ۽ واپار، سلامتي ۽ استحڪام جا رستا کولي. آخرڪار سوال اهو ناهي ته آمريڪا پوئتي هٽندو يا ايران، پر سوال اهو آهي ته ڇا ٻئي ڌريون وقت سر اها حقيقت سمجهي سگهنديون ته عالمي معيشت ۽ انساني زندگين جي قيمت تي حاصل ڪيل فتح حقيقت ۾ ڪنهن جي به فتح نه هوندي؟

فوٽي ڪوٽا کي فاڪا ڪوٽا ٿيڻ کان روڪيو

نويد ممتاز عباسي

انسان جو جنم اصل ۾ جدوجهد آهي اهو جدوجهد جيڪا انسان جي موت کانپوءِ سندس ڪردار جي شڪل ۾ معاشري ۾ زنده هوندي آهي. هن بي حس معاشري ۾ هاڻي سرمائيدارن ڪامورن جي شڪل ۾ پنهنجون جڙون ايتري ته مضبوط ڪيون آهن جو ڪنهن غريب جي ٻار کي ويهڻ جي جڳهه نه ٿي ملي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان فوٽي ڪوٽا جي فيصلي اچڻ کانپوءِ عمل درآمد ڪرڻ بدران سنڌ جي بادشاه سلامت پنهنجي مختلف وزيرن کي حڪم نامو ته جاري ڪري ڇڏيو پر افسوس فوٽي ڪوٽا وارن کي وڌيڪ دربدر ڪيو ويو بادشاه سلامت جي وزيرن پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ ٽي رڪني ڪميٽي ٺاهيون جن ريجنل ليول تي هڪڙي ميٽنگ ڪري صرف ڪورٽ ۾ ويل فوٽي ڪوٽا وارن جو ڪم ڪري ٻين غريب اهڙن سنڌين کي عمر وڌي وڃڻ ۽ ٻيا اعتراض هڻي غريبن کي دربدر ڪري ڇڏيو سنڌ جا ڪامورا بادشاه ۽ وزير عرب پتي تي ويا پنهنجي ٻچن کي فوٽي ڪوٽا مان نوڪريون وٺرائي غريب جي اولاد تي بلاجواز اعتراض هڻندڙن کي اهو سوچڻ کپي ته وقت بادشاه آهي.

اهي فوٽي ڪوٽا جا اميدوار ڪيترن ئي سالن کان پنهنجي جائز حق لاءِ انتظار ڪري رهيا آهن. ڪيترائي غريب ۽ مسڪين ماڻهن پنهنجي عمر جو وڏو حصو سرڪاري نوڪرين جي اميد ۾ گذاري چڪا آهن. انهن جا خاندان، ٻار ۽ مستقبل هن فيصلي سان ڳنڍيل آهن. سپريم ڪورٽ جو فيصلو اچڻ کانپوءِ اميد هئي ته هاڻي انهن غريب ماڻهن جو مسئلو جلد حل ٿيندو، پر بار بار ڪميٽيون ٺهڻ ۽ ڪاغذي ڪارروائين سبب معاملو اڃان تائين اڳتي نٿو وڌي. غريب ماڻهون وڌيڪ انتظار ڪرڻ جي حالت ۾ ناهن. عمر جوءِ حدون گذري رهيون آهن. موقعا ختم ٿي رهيا آهن ۽ ڪيترن اميدوارن جو مستقبل داءُ تي لڳل آهي.

هن ڪري چيف سيڪريٽري صاحب ۽ لاڳاپيل ڊپارٽمنٽ جي اعلي آفيسرن کي عاجزانه اپيل آهي ته: سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي عمل درآمد ڪرايو وڃي؛

فوٽي ڪوٽا بابت سمورا التوا وارا ڪيس جلد حل ڪيا وڃن؛

ڪميٽي جي ڪارروائيءَ ۽ فيصلن ئي شفاف ٻڌايو وڃي؛

اميدوارن کي واضح طور ٻڌايو وڃي ته ڪهڙي تاريخ تي ڪهڙو مرحلو مڪمل ٿيندو؛

غريب اميدوارن کان وڌيڪ انتظار نه ڪرايو وڃي.

اڄ جي ڪي ماڻهو هن حق لاءِ در در ڀٽڪي رهيا آهن اهي ڪنهن تي احسان نه ٿا گهرن؛ اهي صرف پنهنجو جائز قانوني حق گهرن ٿا.

پئسو هميشه نه رهندو، عهدو به هميشه نه رهندو، پر انسان جو ڪردار ۽ غريب سان ڪيل انصاف هميشه ياد رهندو.

محترم چيف سيڪريٽري سنڌ صاحب ۽ لاڳاپيل کاتي جا سيڪريٽري صاحب،مهرباني ڪري هن معاملي کي انساني همدردي ۽ قانون جي تقاضائن مطابق ڏسندي فوٽي ڪوٽا جي سمورن جائز مسئلن جو جلد کان جلد حل ڪرايو.

غريبن جو وقت ضائع نه ڪيو وڃي،انهن کي انصاف ڏنو وڃي.

سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي عمل ڪرايو وڃي.
فوٽي ڪوٽا جو مسئلو فوري طور حل ڪيو وڃي.

بقايا *** 01

ي جا موقعا ڳوليا ويندا جڏهن ته دانش اسڪول تعليمي انقلاب آڻڻ ۽ معياري تعليم فراهم ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت رکن ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن تعليم واري وزارت گوٽ اي آءِ جي وچ ۾ تعاون جي مفاهمتي ياداشت تي صحيحن جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. وزيراعظم محمد شهباز شريف گوٽ اي آءِ پاران پاڪستان کي شروعاتي طور تي 4 هزار تعليمي سبسڪرپشنز فراهم ڪرڻ جي اعلان کي ساراهيندي چيو ته انهن مان هڪ هزار سبسڪرپشنز دانش اسڪول ڪري، اسلام آباد جي استادن جي لاءِ مختص ڪيون وينديون. وزيراعظم گوٽ اي آءِ جي ٽيم جا ٿورا مڃيندي اميد ظاهر ڪئي ته اهو تعاون ترقي، خوشحالي ۽ گڏيل لاڳاپن جي فروغ طرف هڪ مثبت اڳڀرائي ثابت ٿيندو ۽ مستقبل ۾ جديد ٽيڪنيڪن ۽ ٽيڪنالاجيز مان فائدو کڻڻ جا وڌيڪ موقعا پيدا ٿيندا. هن دانش اسڪول ڪري جي استادن کي مخاطب ٿيندي چيو ته اسڪول جي دوري دوران سندس ڪجهه استادن سان ملاقات ٿي هئي سمورن استادن سان ملاقات ڪرڻ چاهيندو ڪيس پرنسپل ان جي لاءِ چونڊيو ويو ته هو هڪ قابل ۽ شاندار شخصيت آهي ۽ دانش اسڪول ڪري ۾ تعليمي انقلاب آڻڻ جي مڪمل صلاحيت رکي ٿو ۽ ڪيس پورو يقين آهي ته دانش اسڪول جا شاگرد سٺي ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندا. وزيراعظم چيو ته دانش اسڪول ڪري ۾ شاگردن کي نه رڳو سموريون ضروري سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن پر اهي سهولتون ان تعليمي ڍانچي کان به بهتر آهن جيڪو هن پنجاب ۾ قائم ڪيو هو شاگردن کي مخاطب ٿيندي هن چيو ته الله تعاليٰ انهن کي هڪ شاندار تعليمي اداري ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو آهي ۽ ان ۾ انهن جي والدين جي دعائن جو پڻ اهم ڪردار آهي، اسڪول ۾ خوراڪ، رهائش، بورڊنگ ۽ لاجنگ، مفت يونيفارم، اي لائبريريز ۽ ليبارٽرين سميت سموريون ضروري سهولتون موجود آهن. هن شاگردن کي يقين ڏياريو ته انهن جي تعليم ۽ انهن کي بااختيار بڻائڻ جي لاءِ وسيلن جي ڪا کوٽ ٿيڻ نه ڏني ويندي ۽ حڪومت انهن جي مستقبل کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ سمورا ضروري وسيلا فراهم ڪندي. تقريب ۾ اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ، آءِ ٽي واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه، وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين راڻا مشهود احمد خان، مملڪتي وزير وجيهه قمر، سي اي او گوٽ اي آءِ ۽ پرنسپل دانش اسڪول ڪري اسلام آباد سميت شاگردن ۽ استادن شرڪت ڪئي.

بقايا *** 02

دوران جذباتي، سماجي ۽ خانداني مدد فراهم ڪرڻ ضروري آهي، عورتن کي پنهنجي صحت کي ترجيح ڏيڻ ۽ بيماري بابت خدشن تي بنا جهجهڪ جي طبي مشورو وٺڻ جي ترغيب ڏيڻ گهرجي. هن اها ڳالهه ڇاتي جي ڪينسر کان آگاهي واري ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي، جيڪو اڄ 19 آڪٽوبر تي ملهايو پيو وڃي. صدر هن مرض کان متاثر سمورن ماڻهن خاص ڪري عورتن ۽ انهن جي ڪٽنبن، سار سنڀال ڪندڙن ۽ مدد فراهم ڪندڙ طبي ماهرن لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪندي چيو آهي، ته پاڪستان ۾ ڇاتيءَ جو ڪينسر هزارين خاندانن کي متاثر ڪري ٿو ان جا اثر صرف هڪ ماڻهو تائين محدود نٿا رهن، پر مائٽن، ڌيئرن، ڀيڻن ۽ زال سميت خاندانن کي جذباتي ۽ سماجي دٻاءَ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ان لاءِ بيماري بابت وسيع آگاهي، وقت سر طبي توجهه ۽ متاثر ماڻهن جي مدد اڻٽر آهي. هن چيو ته هي ڏينهن عورتن کي پنهنجي صحت تي توجهه ڏيڻ ۽ جسم ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي يا ڳنڍڙي جي صورت ۾ فوري مناسب طبي مشورو حاصل ڪرڻ جي اهميت ياد ڏيارڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو آگاهي ۾ واڌ سان عورتون پنهنجي صحت جي باري ۾ بهتر ۽ باخبر فيصلا ڪري سگهن ٿيون. ڪين وقت سر طبي ماهرن سان رابطو ڪرڻ جي ترغيب ملي سگهي ٿي. صدر آصف علي زرداري چيو ته خاندان ۽ معاشرو به ان حوالي سان اهم ڪردار ادا ڪري ٿو عورتون پنهنجي صحت بابت خدشا کلي بيان ڪرڻ، دٻاءَ ۽ بي خوف هٻڪ، علاج حاصل ڪرڻ جي صلاحيت حاصل هجڻ گهرجي. ڪٽنب کي به سوچي سمجهي ۽ ڪينسر بابت معاونت بابت خوف ۽ غلط معلومات ۽ خاموشي کي گهٽ ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. هن چيو ته اسان کي ڪينسر جي خطرن تي اثر انداز ٿيندڙ سببن بابت وسيع آگاهي کي هٿي ڏئي صحتمند طرز زندگيءَ جي حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي، تعليمي ادارا، ڪم وارن هنڌن، سماجي تنظيمن، ميڊيا، سول سوسائٽي ۽ طبي ماهرن کي گهرجي ته سڄي ملڪ ۾ عورتن ۽ خاندانن تائين درست معلومات پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. صدر مملڪت چيو ته ڇاتي جي ڪينسر ۾ مبتلا ۽ علاج مڪمل ڪندڙ عورتن سان همدردي ۽ تعاون جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي، ڪين بيماري جي پوري سفر دوران انهن کي گهربل جذباتي، سماجي ۽ خانداني مدد حاصل ڪندو رهڻ گهرجي. ان مرض جي چئلينجز کي منهن ڏيندڙ عورتن جي همت اسان جي احترام ۽ سوچ ويچار جا مستحق آهن. هن ڇاتي جي ڪينسر بابت آگاهي ۽ متاثر ماڻهن جي مدد لاءِ خدمتون انجام ڏيندڙ طبي ماهرن، رضاڪارن، مريضن جي فلاحي تنظيمن، محققن ۽ سماجي ڪارڪنن جي ڪوششن کي ساراهيندي چيو ته انهن جون خدمتون عوامي شعور اجاگر ڪرڻ ۽ عورتن ۽ خاندانن جي مدد لاءِ اهم آهن. صدر مملڪت ان عزم جو اظهار ڪيو ته ڇاتي جي ڪينسر کان آگاهي جي ڏينهن اسان کي اهڙي معاشري جي قيام لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي جتي عورتون پنهنجي صحت کي ترجيح ڏين، خاندان ساٿ گڏ بيهي ۽ ان مرض کان متاثر هر ماڻهو کي گهربل بر وقت ۽ مدد ميسر هجي.

بقايا *** 03

کي مناسب طبي سار سنڀال حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ ۾ طبي ماهرن، سماجي تنظيمن، سول سوسائٽي ۽ ميڊيا جي ذريعن، تعليمي ادارن جي اهم ڪردار جي اجاگر ڪندي چيو ته سڄي پاڪستان جون عورتون پنهنجي صحت کي اهميت ڏين ۽ صحت بابت ڪنهن به ڳڻتي جي صورت ۾ طبي مدد حاصل ڪرڻ ۾ هرگز هٻڪ محسوس نه ڪن. هن اها ڳالهه ڇاتي جي ڪينسر کان آگاهي واري ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي جيڪا اڄ 19 آڪٽوبر تي ملهائي پئي وڃي. آصفه ڀٽو زرداري چيو ته پاڪستان ۾ عورتن کي ياد ڏيارڻ جي ته انهن جي صحت اهميت رکي ٿي، ڪين پنهنجي صحت جي حوالي سان ڳڻتي هجي ته ڪين طبي مشوري لاءِ هر گز هٻڪ محسوس نه ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته ڇاتي جو ڪينسر تمام مختلف حالتن سان تعلق رکندڙ عورتن ۽ انهن جي خاندانن کي متاثر ڪري ٿو هن بيماري کي منهن ڏيندڙ عورتن لاءِ هي وقت خوف ۽ بي يقيني جو سبب بڻجي سگهي ٿو سندن خاندان لاءِ به اهو هڪ مشڪل وقت هوندو آهي، ان لاءِ هن بيماري جي باري ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ ۽ متاثر عورتن کي مدد فراهم ڪرڻ تمام اهم آهي، صحت ۾ ٿيندڙ تبديلين تي وقت سر توجهه ڏيڻ عورتن کي مناسب طبي مشورا حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏئي سگهي ٿي. خاتون اول چيو ته مان پنهنجي سڀني ڀيڻن کي اپيل ڪيان ٿي ته هو پنهنجي صحت جو خيال رکن ۽ جڏهن به ڪين پنهنجي صحت جي حوالي سان ڪين ڪا پريشاني ٿئي ته ماهر ڊاڪٽرن کان مشورو وٺڻ کان نه گهٻرائين. آگاهي ذريعي اسان کي خوف ۽ خاموشي جي جاءِ تي درست معلومات فراهم ڪرڻ جي بنياد تي فيصلا ڪرڻ ۽ وقت سر علاج کي هٿيائڻ جي حمايت حاصل آهي. هن ڇاتي جي ڪينسر کان متاثر عورتن جي مدد ۽ آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ خدمتون انجام ڏيندڙ ڊاڪٽرن، نرسن، طبي ڪارڪنن، رضاڪارن، مريضن جي تنظيمن، ميڊيا ورڪرز ۽ ٻين جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته سندن خدمتون عورتن ۽ خاندانن کي هن مشڪل سفر ۾ بهتر سوچ ويچار ۽ مدد فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿيون. خاتون اول چيو ته اچو اسان ڇاتي جي ڪينسر جي باري ۾ کُلي ڳالهيون ۽ پنهنجي آسپاس موجود عورتن جي حوصلا افزائي ڪيون ته هو پنهنجي صحت تي ڀرپور توجهه ڏين. اسان کي اهو يقيني بڻائڻ گهرجي ته ڪا به عورت علاج لاءِ رجوع ڪرڻ وقت يا هن بيماري کي منهن ڏيڻ وقت پاڻ کي اڪيلي محسوس نه ڪري.

بقايا *** 04

ليس اهلڪارن خلاف اغوا ۽ تشدد جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.ڪيس جي مدعي صائم عمران جي چوڻ مطابق ناٿا خان کان پهلوان گوٺ تائين روڊ جي تعمير جو ڪم گذريل ڇهن مهينن کان جاري آهي. هو واقعي واري ڏينهن اتي ٽرئفڪ جي رواني برقرار رکڻ لاءِ ڊيوٽي ڪري رهيو هو ته ڪينٽ اسٽيشن جو ايس ايڇ او احسن رشيد ٻين پوليس اهلڪارن سان گڏ اتي پهتو ۽ کيس مبينا طور تشدد جو نشانو بڻايو.مدعيءَ ڪيس ۾ موقف اختيار ڪيو ته کيس اغوا ڪري نامعلوم هنڌ تي منتقل ڪيو ويو، جتي کيس پير پڪڙڻ ۽ بوٽ چاٽڻ لاءِ چيو ويو انڪار ڪرڻ تي مبينا طور تي تشدد ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ هو بي هوش ٿي ويو.صائم عمران جي چوڻ مطابق جڏهن کيس هوش آيو ته هو عباسي شهيد اسپتال ۾ هو واقعي بابت وڌيڪ تفصيل ۽ پوليس جو موقف سامهون اچڻ تي صورتحال واضح ٿي سگهندي.

بقايا *** 05

ڪميٽيءَ جي شرڪت ڪندڙن سان خطاب ڪندي خالد مقبول صديقي چيو ته قيام پاڪستان وقت ڪراچي ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ هئي ۽ سندن ڏاڏن ڏاڏين قائداعظم جي تصور تحت هجرت ڪئي هئي. هن چيو ته ڪراچيءَ جي انتظامي حيثيت تبديل ڪرڻ وقت شهرين کان راءِ نه ورتي وئي هن چيو ته 1970 ع واري ڏهاڪي تائين ڪراچيءَ جو انتظامي ڍانچو موجوده صورتحال کان مختلف هو سندس چوڻ مطابق صوبن جي بحاليءَ وقت نه ريفرنڊم ڪرايو ويو ۽ نه ئي عوامي راءِ معلوم ڪئي وئي، بلڪ انتظامي تبديلين ذريعي ڪراچيءَ کي سنڌ جو حصو بڻايو ويو خالد مقبول صديقي چيو ته نون صوبن جو مطالبو ايم ڪيو ايم جي قيام کان به پراڻو آهي ۽ سندن ابن ڏاڏن هن خطي لاءِ بيشمار قربانيون ڏنيون هيون. هن سنڌ جي پنجن هزار سالن جي تاريخ جو حوالو ڏيندڙن بابت چيو ته ان تاريخ جو موجوده ملڪي ورهاست سان ڪو تعلق ناهي.

بقايا *** 06

وران ڏينهن ۾ 3 ڊالر کان گهٽ آمدنيءَ جي بنياد تي غربت ۾ 64 سيڪڙو واڌارو ٿيو جڏهن ته ڏينهن ۾ 4.20 ڊالر کان گهٽ آمدنيءَ جي بنياد تي غربت جي شرح ۾ به 32 سيڪڙو پوائنٽس جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو.عالمي بئنڪ پاڪستان ۾ غربت وڌڻ جا وڏا سبب ڪورونا وبا جا اثر، سخت مهانگائي، روپيا جي ملهه ۾ گهٽتائي، ٻوڏ ۽ ڏکيون معاشي مشڪلاتون ٻڌايا آهن. انهن سببن ڪري ماڻهن جي آمدني، روزگار جا موقعا ۽ خريداري جي سگهه متاثر ٿي، جنهن سان گهٽ آمدني وارن طبقن جون مشڪلاتون وڌي ويون رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان ۾ غربت جي وڌندڙ صورتحال سڄي خطي جي ملهه ۾ غربت وڌڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. کاڌي جي قيمتن ۾ لڳاتار واڌ غريب خاندانن تي وڌيڪ مالي دٻاءَ وڌو آهي، ۽ ملڪ جي آبادي جو وڏو حصو کاڌي جي سخت کوٽ يا ان کان به بدتر صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي.عالمي بئنڪ موجب ترقي پذير معيشتن ۾ گهٽ آمدني وارا گهرانا پنهنجي ڪل آمدنيءَ يا خرچن جو تقريباً 35 کان 50 سيڪڙو حصو کاڌي تي خرچ ڪن ٿا، تنهنڪري کاڌي جي شين جي قيمتن ۾ معمولي واڌ به انهن لاءِ سنگين معاشي مسئلا پيدا ڪري ٿي.رپورٽ ۾ مهانگائي جي شرح 2025 ۾ 4.5 سيڪڙو جي مقابلي ۾ 2026 دوران 7.1 سيڪڙو رهڻ ۽ 2027 ۾ وڌي 8.2 سيڪڙو تائين پهچڻ جو اندازو به پيش ڪيو ويو آهي، جنهن سان گهٽ آمدني وارن طبقن تي وڌيڪ دٻاءَ پوڻ جو انديشو آهي.

بقايا *** 07

ي شعبن ۾ ڪلسٽرز جي بنياد تي ترقي ۽ عالمي سپلاءِ چينز سان مضبوط رابطا قائم ڪرڻا پوندا ته جيئن ملڪ معاشي خودمختياري حاصل ڪندي پنهنجي ترقي لاءِ گهربل وسيلا پاڻ پيدا ڪري سگهي. پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ڊولپمينٽ اڪنامڪس (پائيڊ) ۾ پاڪستان سوسائٽي آف اڪنامسٽس جي 39هين ساليانې ڪانفرنس کي خطاب ڪندي وفاقي وزير چيو ته اسان کي اهڙو معاشي نظام جوڙڻو پوندو جيڪو پنهنجي خوشحالي جا وسيلا پاڻ پيدا ڪري، ترقي لاءِ مالي وسيلا فراهم ڪري ۽ معاشي مستقبل جا فيصلا پاڻ ڪرڻ جي صلاحيت رکندو هجي. هن انگن اکرن جي ڀيٽ ڪندي ٻڌايو ته ڪئلينڊر سال 2024 ع ۾ پاڪستان جي شين جو روانگي واپار اٽڪل 32.3 ارب ڊالرز هو جڏهن ته بنگلاديش جو روانگي واپار 47.2 ارب ڊالر، ملائيشيا جو 330.4 ارب ڊالر ۽ ويٽنام جو 404.8 ارب ڊالرز هو انهن ۾ خدمتن جو روانگي واپار شامل نه هو. پروفيسر احسن اقبال چيو ته معاشي استحڪام برقرار رکندي پيداواري صلاحيت ۽ عالمي مارڪيٽن ۾ چٽاڀيٽي وڌائڻ جو عمل پاڻ ۾ ڳنڍيل ٿيڻ گهرجي، ته جيئن پرڏيهي ادائگين جي مسلسل دٻاءَ تي ضابطو آڻي سگهجي. ان مقصد لاءِ اهڙا روانگي واپار ڪندڙ ڪلسٽرز قائم ڪرڻا پوندا جتي پيداواري ادارن کي ماهر سپلائرز، هنرمند افرادي قوت، يونيورسٽين، تحقيقي ليبارٽرين، مالي وسيلن، چير پر جي سهولتن ۽ عالمي خريدارن سان مربوط رابطا حاصل ڪري سگهجن. 18 آڪٽوبر (اي پي پي). هن چيو ته روانگي واپار کي وڌائڻ جي حڪمت عملي تحت زراعت، صنعت، مينيوفيڪچرنگ، خدمتن، انفارميشن ٽيڪنالاجي، ڪاٽين، افرادي قوت ۽ هنرمندي، ساموندي معيشت ۽ تخليقي صنعتن تي ڌيان ڏنو ويندو ڪلسٽرز جي رٿابندي خريدارن جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي ڪرڻ گهرجي، سيڙپڪاري، تربيت، بنيادي ڍانچي ۽ معيار کي عالمي مارڪيٽن ۾ دستياب موقعن سان هم آهنگ ڪرڻ گهرجي. هن پائيڊ ۽ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙن تي زور ڀريو ته هو روانگي واپار ڪندڙ ڪلسٽرز ۽ پيداواري زنجيرن جي ترقي لاءِ قابل عمل منصوبا تيار ڪن جن ۾ ترجيحي مصنوعات، هدفي مارڪيٽ، پيداواري سگهه ۾ گهٽتائي، ذميوار ادارا، خرچن ۽ عملدرآمد جي وقت جي واضح نشاندهي ڪئي وڃي.

بقايا *** 08

ڪي ڏيڻ ۽ ان کي عام ڪرڻ جو مطالبو ڪندي گڏيل تحقيقاتي ٽيم (جي آءِ ٽي) جوڙڻ تي زور ڏنو آهي.وڪيل جبران ناصر مير رضا جي گهروارن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته عدالتي ڪميشن 15 آڪٽوبر تي پنهنجي رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي هئي، پر کين خبر پئي آهي ته رپورٽ خاندان کي ڏيڻ ۽ ان کي عام ڪرڻ جو فيصلو صوبائي ڪابينا ڪندي. هن سوال اٿاريو ته ڪنهن جي پليرائيءَ سبب رپورٽ کي رازداريءَ ۾ رکيو پيو وڃي؟ حڪومت پاڻ کي پوليس جي برابر نه بيهاري. هن چيو ته جيڪڏهن رپورٽ فراهم نه ڪئي وئي ته عدالت ڏانهن رجوع ڪيو ويندو هن مطالبو ڪيو ته رپورٽ گهروارن کي ڏني وڃي ۽ عوام آڏو آندي وڃي.جبران ناصر چيو ته خاندان جو مطالبو جي آءِ ٽي جوڙڻ آهي، ڇاڪاڻ ته مير رضا ڪيس بابت عام شهري عدم تحفظ محسوس ڪري رهيا آهن. هن جي چوڻ مطابق پوليس ڪيس جي مؤثر تفتيش نه ڪري رهي، جڏهن ته جوڊيشل ڪميشن حقيقتن جو جائزو ورتو آهي. هن الزام لڳايو ته حڪومت يا تحقيقاتي ٽيم گهروارن سان رابطو نه ڪيو آهي، حالانڪ عدالتي ڪميشن پوليس کي فوڪل پرسن مقرر ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي. هن چيو ته پوليس گهروارن کي معلومات ڏيڻ لاءِ به تيار ناهي.مير رضا جي والد مير حسين علي چيو ته پوليس جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺڻ لاءِ حڪومت پاڻ ڪميشن قائم ڪئي هئي، تنهنڪري سوال اهو آهي ته ڇا پوليس شفاف تحقيقات ڪري سگهي ٿي؟ هن پوليس آفيسرن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪندي الزام لڳايو ته پوليس ڪيس کي خودڪشيءَ جو رنگ ڏيڻ چاهي ٿي.مير حسين علي جي چوڻ مطابق ڪيس ۾ ثبوت ضايع ڪيا ويا آهن. هن ٻڌايو ته وزيراعلي سنڌ کي خط لکي عدالتي ڪميشن جي رپورٽ گهروارن کي فراهم ڪرڻ ۽ تحقيقات لاءِ جي آءِ ٽي جوڙڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. هن جو الزام هو ته پوليس جي ڪارروائين سبب ڪيس مسلسل متاثر ٿي رهيو آهي.هن سپر ميڊيڪل بورڊ جوڙڻ تي به اعتراض ڪندي چيو ته جيڪڏهن مقصد خودڪشي ثابت ڪرڻ ناهي ته پوءِ اهڙو بورڊ جوڙڻ جي ضرورت ڇا آهي؟ هن جي چوڻ مطابق ان پهلوءَ تي به غور نه ڪيو پيو وڃي ته آءِ ڪلاڪن تائين رسائي ڪنهن حاصل ڪئي. هن خبردار ڪيو ته رپورٽ کي ڳجهو رکڻ سان تحقيقات لاءِ گذريل ٻن مهينن ۾ ٿيل پيش رفت ضايع ٿيڻ جو خطرو آهي.

بقايا *** 09

وائرل ڪرڻ جي ڪيس ۾ ملزم دانيه شاهه جا ناقابل ضمانت گرفتاري وارنٽ جاري ڪندي پوليس کي حڪم ڏنو آهي ته هن کي گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي.ٻڌڻيءَ دوران ملزم جي وڪيل لياقت گبول ايڊووڪيٽ موقف اختيار ڪيو ته دانيه شاهه جي طبيعت خراب هجڻ سبب هوءَ عدالت ۾ پيش نٿي ٿي سگهي. هن يقين ڏياريو ته ملزم کي ايندڙ ٻڌڻيءَ کان اڳ عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو.عدالت ملزم جي طرفان حاضريءَ کان استثنا جي درخواست رد ڪندي غير حاضريءَ تي ناراضگي جو اظهار ڪيو ۽ هن جا ناقابل ضمانت گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا. پوءِ عدالت ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 28 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.واضح رهي ته مرحوم عامر لياقت حسين جي ڌيءَ جي مدعيت ۾ نازيبا وڊيوز وائرل ڪرڻ جي الزام هيٺ دانيه شاهه خلاف سائبر ڪرائم تحت ڪيس داخل ڪيو ويو هو، جنهن جي عدالتي ڪارروائي جاري آهي.

بقايا *** 10

ج) 20 آڪٽوبر اڱارو آخري ڏينهن آهي. ترجمان وزارت مذهبي معاملن سرڪاري حاجين کي هدايت ڪئي ته اهي 20 آڪٽوبر تائين واجبات جي ادائيگي لازمي طور مڪمل ڪن.ترجمان مذهبي معاملن موجب حاجي واجبات جي ادائيگي لاءِ نيشنل آءِ ٽي بورڊ جو حج پورٽل يا پاڪ حج ايپ استعمال ڪري سگهن ٿا، حج پورٽل تي بئنڪ ڪارڊ، ون لنڪ يا دستي بئنڪ چالان ذريعي ادائيگيءَ جي سهولت موجود آهي.ترجمان هدايت ڪئي آهي ته حج درخواست جي منسوخيءَ کان بچڻ لاءِ واجبات مقرر وقت اندر جمع ڪرايا وڃن.وزارت مذهبي معاملن موجب حاجين لاءِ حج پورٽل تي موجود ميڊيڪل فٽنيس سرٽيفڪيٽ ڊائون لوڊ ڪري ڊاڪٽر کان ان جي تصديق ڪرائڻ به لازمي آهي. تصديق ٿيل ميڊيڪل فٽنيس سرٽيفڪيٽ حج پورٽل تي اپ لوڊ ڪرڻ ضروري آهي.

بقايا *** 11

يو پيو وڃي، جڏهن ته سڄي ملڪ ۾ لوڊشيڊنگ طئي ٿيل منصوبن موجب ڪئي پئي وڃي.هڪ بيان ۾ هن چيو ته 30 سيڪڙو يا ان کان وڌيڪ لائن لاسز وارن فيڊرز تي لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي [illegible]

بقايا *** 12

و آهي. ويلٿ پاڪ کي مليل دستياب سرڪاري دستاويزن موجب انهن منصوبن تحت ضلعي سانگهڙ جي 31 ۽ ضلعي شڪارپور جي 15 ڳوٺن ۽ علائقن کي گئس فراهم ڪئي ويندي، ان مقصد لاءِ مجموعي طور تي 178.52 ڪلوميٽر ڊگهي گئس پائيپ لائين نيٽ ورڪ وڇايو ويندو جنهن مان 2710 امڪاني صارفين فائدو کڻندا. اهو منصوبو سوئي سدرن جي گئس فراهم ڪرڻ واري پروگرام جي ڇهين مرحلي جو حصو آهي، جنهن تحت گئس پيدا ڪندڙ فيلڊز جي پنجن ڪلوميٽرن جي دائري ۾ موجود آبادين کي گئس جي سهولت فراهم ڪئي پئي وڃي. منصوبي تحت سانگهڙ ضلعي ۾ گئس فيلڊ جي آسپاس جي 31 ڳوٺن ۽ علائقن کي اٽڪل 1.503 ارب روپين جي خرچ سان گئس فراهم ڪرڻ جي تجويز آهي. ان منصوبي ۾ 1767 امڪاني صارفين لاءِ 132.40 ڪلوميٽر ڊگهيون پائيپ لائينون وڇائڻ شامل آهي. ٻئي پاسي شڪارپور ضلعي ۾ حسن گئس فيلڊ ويجهو 15 ڳوٺن ۽ علائقن لاءِ اٽڪل 418.99 ملين روپين جي خرچ سان هڪ ڌار منصوبو تجويز ڪيو ويو آهي. ان تحت 943 امڪاني صارفين لاءِ 46.12 ڪلوميٽر ڊگهو پائيپ لائين نيٽ ورڪ وڇايو ويندو گئس جي فراهمي وارو اهو پروگرام وزيراعظم جي هدايت ۽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي عملدرآمد بينچ جي حڪمن تحت لاڳو ڪيو پيو وڃي. ان پروگرام جو مقصد گئس پيدا ڪندڙ فيلڊز جي پنجن ڪلوميٽرن جي دائري ۾ موجود آبادين کي گئس جو بنيادي ڍانچو فراهم ڪرڻ آهي. سوئي سدرن گئس ڪمپني عملدرآمد جي چوٿين سال تائين 404 ڳوٺن ۽ علائقن کي گئس فراهم ڪرڻ جون اسڪيمون مڪمل ڪري چڪي آهي. انهن اسڪيمن ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي مختلف گئس فيلڊز جي آسپاس موجود آباديون شامل هيون. جن ۾ بدين، ٽنڊو محمد خان ۽ سانگهڙ جا ضلعا به شامل آهن. مالي سال 28_2027 ع دوران سوئي سدرن وڌيڪ 67 ڳوٺن ۽ علائقن تائين گئس جي بنيادي ڍانچي کي توسيع ڏيڻ جو ارادو رکي ٿي جنهن تي اٽڪل 1.831 ارب روپيا خرچ ٿيندا جڏهن ته مالي سال 29_2028 ع ۾ وڌيڪ 60 ڳوٺن ۽ علائقن کي اٽڪل 1.796 ارب روپين جي خرچ سان گئس فراهم ڪرڻ جي تجويز آهي. مجموعي طور تي پروگرام جي ڇهين کان اٺين مرحلي دوران 173 ڳوٺن ۽ علائقن کي گئس فراهم ڪرڻ جون اسڪيمون تجويز ڪيون ويون آهن.

بقايا *** 13

ڪڪڙ جو گوشت عام شهرين جي پهچ کان پري ٿي ويو آهي.تفصيلن موجب شهر ۾ ڪڪڙ جو گوشت سرڪاري نرخ 635 روپين في ڪلو بدران 680 روپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي، جيڪو مقرر قيمت کان 45 روپيا وڌيڪ آهي. اهڙي طرح جيئري ڪڪڙ جي سرڪاري قيمت 424 روپيا في ڪلو مقرر آهي، پر بازارن ۾ اها 500 روپين في ڪلو وڪامي رهي آهي.بنا هڏي ڪڪڙ جي گوشت جي قيمت ۾ به 240 روپيا في ڪلو واڌارو ٿيو آهي، جنهن کان پوءِ ان جي قيمت 1040 روپين تائين پهچي وئي آهي.صارفين چيو ته ڪراچيءَ ۾ موسم گرم هجڻ باوجود ڪڪڙ جو گوشت سياري واري موسم جيترو مهانگو وڪرو ٿي رهيو آهي، جڏهن ته قيمتن ۾ لڳاتار واڌ گهريلو بجيٽ کي متاثر ڪري ڇڏيو آهي. ٻئي طرف ڪڪڙ وڪڻندڙ قيمتن ۾ واڌ جو سبب طلب ۽ رسد ۾ فرق کي قرار ڏنو آهي.واضح رهي ته سيپٽمبر جي آخري هفتي تائين ڪڪڙ جو گوشت 490 روپيا ۽ جيئرو ڪڪڙ 390 روپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهيو هو. ان کان پوءِ قيمتن ۾ تيزي سان واڌارو ٿيو آهي.

بقايا *** 14

وشش ناڪام بڻائي ڇڏي ۽ مسقط کان آيل هڪ عورت مسافر کي گرفتار ڪيو ڪسٽمز اختيارين موجب، ڳجهي اطلاع تي ايئرپورٽ جي آمد واري حصي ۾ عورت مسافر جي ٻن وڏن سفري بيگن ۽ هٿ واري بيگ جي تلاشي ورتي وئي، جنهن دوران فيوروليين 100 ملي گرام جون 50 هزار 340 گوليون برآمد ٿيون. ضبط ڪيل دوائن جي اندازي مطابق ماليت 80 لک 54 هزار 400 روپيا ٻڌائي وئي آهي.اسسٽنٽ ڪليڪٽر خضر فيض موجب مذڪور دوائن جي درآمد لاءِ ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽي پاڪستان (ڊريپ) جي تصديق لازمي آهي، جڏهن ته گهربل سرٽيفڪيشن کانسواءِ انهن جي درآمد تي پابندي آهي. ڪسٽمز اختيارين ڪسٽمز ايڪٽ 1969 تحت دوائون ضبط ڪري عورت مسافر خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا *** 15

ل ڪريم ڪندي ڏانهن اماڻي وئي آهي سمري ۾ پوليس اهلڪارن کي 75 کان 120 سيڪڙو تائين سيڪيورٽي چئلينج الائونس ڏيڻ جي تجويز پيش ڪئي وئي آهي.سمري موجب، ڏاڪٽين ۽ ضم ٿيل ضلعن جي پوليس اهلڪارن کي بنيادي پگهار جو 120 سيڪڙو ٻين آباد ضلعن جي اهلڪارن کي 100 سيڪڙو ۽ هزارا ريجن جي اهلڪارن کي 75 سيڪڙو سيڪيورٽي چئلينج الائونس ڏيڻ جي تجويز ڏني وئي آهي.سمري ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سيڪيورٽي چئلينج الائونس جي مد ۾ هر مهيني 5 ارب 15 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ اضافي خرچ ٿيندو.سمري ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته خيبرپختونخوا پوليس گذريل ٽن ڏهاڪن کان دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ مصروف آهي ۽ وڏيون قربانيون ڏئي رهي آهي، پر ان باوجود صوبي جي پوليس جون پگهارون ۽ الائونس ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهن.پوليس جي آپريشنل صلاحيت بهتر بڻائڻ لاءِ هٿيارن، گولا بارود، ٽرانسپورٽ ۽ جديد اوزارن جي خريداري لاءِ به اربين روپين جا واڌو فنڊ طلب ڪيا ويا آهن.تجويز ڪيل خريداريءَ ۾ سب مشين گنز، رائفلون، بلٽ پروف جيڪيٽون، بيلسٽڪ هيلمٽ، ڊرون، ٿرمل ويزن سائيٽون، ڊوربينون، اينٽي ڊرون سسٽم ۽ بڪتربند گاڏيون شامل آهن.ذريعن موجب، پوليس جي خريداريءَ لاءِ 13 ارب 87 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ اضافي فنڊ طلب ڪيا ويا آهن.مالي سال 27_2026 ع لاءِ آباد ضلعن ۾ خريداريءَ جي مد ۾ 11 ارب 16 ڪروڙ روپيا ۽ ضم ٿيل ضلعن لاءِ 3 ارب 35 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ جاري ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي آهي.ترقياتي منصوبن ۽ مختلف اسڪيمن لاءِ فنڊ طلب ڪيا ويا آهن.مجموعي طور تي 12 ارب 22 ڪروڙ روپيا جاري ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي آهي.سمري موجب پوليس کي جديد هٿيار، حفاظتي سامان ۽ جديد نگراني جي اوزارن جي شديد کوٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي.

بقايا *** 16

حالي لاءِ چونڊيو ويو آهي. ويلٿ پاڪ کي مليل سرڪاري دستاويزن موجب مواصلات واري وزارت تحت نيشنل هاءِ وي اٿارٽي ان منصوبي تي عمل ڪري رهي آهي، قومي اقتصادي ڪائونسل جي انتظامي ڪميٽي (ايڪنڪ) 27 فيبروري 2026 ع تي منصوبي جي منظوري ڏني هئي، چائنا اسٽيٽ ڪنسٽرڪشن انجنيئرنگ ڪارپوريشن لميٽيڊ کي ان منصوبي جو واڪ ڏيڻ لاءِ چونڊيو ويو آهي، جڏهن ته معاهدي جو مسودو به صحيحين لاءِ تيار ڪيو ويو آهي، منصوبي لاءِ چين پاران 100 ملين ڊالرز جي مالي مدد جو وعدو ڪيو ويو آهي. ٺيڪيدار جي چونڊ ان بحالي منصوبي ۾ هڪ اهم اڳڀرائي آهي، جنهن جو مقصد پاڪستان جي اهم ترين قومي شاهراهن مان هڪ جي اهم حصن کي بهتر بڻائڻ آهي.

بقايا *** 17

فراڊ يعني سمشنگ کان خبردار ڪندي مشڪوڪ لنڪس تي ڪلڪ نه ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. ترجمان موجب سائبر سيڪيورٽي آگاهي سال 2026 ع جي مناسبت سان جاري ڪئي وئي آهي جنهن جو مقصد شهرين ۾ ڊجيٽل تحفظ بابت آگاهي اجاگر ڪرڻ آهي. اين ٽي سي موجب سائبر ڌوڪاري صارفين کي ڌوڪو ڏيڻ لاءِ ڊليوري، انعام جون ادائيگيون يا پاس ورڊز بابت غير متوقع پيغام موڪلين ٿا ته جيئن ان جي حساس معلومات چورائي سگهجي. ان ڪري ڪنهن به لنڪ تي ٽيپ ڪرڻ کان اڳ موڪلڻ واري جي تصديق لازمي ڪئي وڃي. اداري شهرين کي محفوظ رهڻ لاءِ ٽن بنيادي اصولن کي برقرار رکڻ، تصديق ڪرڻ ۽ محفوظ رهڻ ۽ عمل ڪرڻ تي زور ڀريو آهي. صارفين کي هدايت ڪئي وئي آهي ته غير متوقع يا پرڪشش پيغام ملڻ تي فوري رد عمل ڏيڻ جي بدران پهرين لاڳاپيل اداري کان تصديق ڪن ته جيئن مالي نقصان ۽ شناختي چوري کان بچي سگهجي.

بقايا *** 18

پهچ ۾ هونديون ميڊيا سيل بلاول هائوس طرفان جاري ڪيل بيان موجب، ڇاتيءَ جي ڪينسر بابت عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته عورتن کي وقت تي طبي معائني لاءِ همٿائڻ سان گڏ اهو به ٻڌائڻ گهرجي ته اهي معائنو ڪٿان ڪرائي سگهن ٿيون ۽ علاج جا خرچ ڪيئن برداشت ڪري سگهجن ٿا. سندس چوڻ مطابق طبي مدد وٺڻ جو فيصلو ڪندڙ هر عورت کي رسائيءَ جوڳي سهولت ملڻ گهرجي ڪنهن عورت جي وقت تي تشخيص ۽ علاج جو دارومدار سندس رهائشي علائقي يا مالي وسيلن تي نه هجڻ گهرجي. پري پراهين علائقن ۽ گهٽ آمدني وارن خاندانن جي عورتن جي ضرورتن کي طبي سهولتن جي منصوبابنديءَ ۾ مرڪزي اهميت ڏني وڃي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته عورتون گهڻو ڪري گهر ۽ خاندان جي ذميوارين سبب پنهنجي صحت کي نظرانداز ڪري ڇڏين ٿيون. گهروارن جي ذميواري آهي ته عورتن جي صحت بابت تشويش کي سنجيدگيءَ سان وٺن ۽ کين ڊاڪٽرن ڏانهن رجوع ڪرڻ، ضروري معائنا ڪرائڻ ۽ علاج جاري رکڻ ۾ مدد ڏين عورتن تي زور ڏنو ته اهي جسم ۾ ڪنهن به غير معمولي تبديليءَ کي نظرانداز نه ڪن ۽ مستند ڊاڪٽر کان صلاح وٺڻ ۾ دير ڪرڻ کان پاسو ڪن. هن چيو ته وقت تي تشخيص ۽ مناسب علاج سان صحتيابيءَ جا امڪان بهتر ٿي سگهن ٿا، تنهنڪري خوف يا غير تصديق ٿيل معلومات جي بنياد تي طبي صلاح ۾ دير نه ڪرڻ گهرجي پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين لاڳاپيل ادارن تي زور ڏنو ته آگاهي مهمن ۾ عورتن کي معائني جي دستياب سهولتن، وڌيڪ تشخيص ۽ علاج لاءِ لاڳاپيل مرڪزن بابت واضح رهنمائي ڏني وڃي. هن چيو ته ليڊي هيلٿ ورڪرز، طبي عملو ۽ ذريعا ابلاغ هن سلسلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. بلاول ڀٽو زرداري ڇاتيءَ جي ڪينسر ۾ مبتلا عورتن سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته علاج جي هر مرحلي ۾ سندن عزت نفس، رازداري ۽ ضرورتن جو خيال رکيو وڃي. هن جو چوڻ هو ته ڪنهن عورت جو صحت بابت سوال جهجهڪ سبب دٻجڻ نه گهرجي ۽ نه ئي وسيلن جي کوٽ علاج جي واٽ ۾ رڪاوٽ بڻجڻ گهرجي.

بقايا *** 19

ائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي ڪائونسل آف هيڊز آف گورنمينٽ (سي ايڇ جي) جي اجلاس ۾ پاڪستاني وفد جي قيادت ڪندو سومر ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري ڪيل بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار تاجڪستان جي وزيراعظم قاهر رسول زاده جي دعوت تي اهو دورو ڪري رهيو آهي. اجلاس ۾ بيلاروس، چين، قازقستان، ڪرغزستان، روس، تاجڪستان ۽ ازبڪستان جا وزيراعظم، ايران جو نائب صدر ۽ ڀارت جو پرڏيهي وزير پنهنجي پنهنجي ملڪن جي نمائندگي ڪندا. سي ايڇ جي شنگهائي تعاون تنظيم جو ٻيون اعليٰ ترين فيصلا ساز ادارو آهي جيڪو تنظيم جي اقتصادي، ماليات، واپار، ڪوآرڊينيشن، ڪاروبار، سماجي ۽ اقتصادي تعاون ۽ بجيٽ سان لاڳاپيل معاملن تي رهنمائي فراهم ڪندو آهي. سي ايڇ جي هڪ گڏيل اعلان، بيانن ۽ اهم فيصلن جي منظوري به ڏيندي دوري دوران، نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير تاجڪستان جي صدر ۽ وزيراعظم سان پڻ ملاقات ڪندو جڏهن ته سي ايڇ جي اجلاس جي موقع تي شنگهائي تعاون تنظيم جي ميمبر ملڪن جي پنهنجن هم منصبن سان ٻطرفيون ملاقاتون پڻ ڪندو.

بقايا *** 20

تي ۽ سائيٽ تي ڪچري جي نيڪال جي شروعات ڪري باقاعدي طور تي منصوبي جو افتتاح ڪيو لوڪل گورنمينٽ واري وزير سيد ناصر حسين شاهه، محنت واري وزير سعيد غني، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب ۽ ٻيا سينئر عملدار پڻ موجود هئا. پنهنجي دوري دوران وڏي وزير لينڊ فل سائيٽ جو معائنو ڪيو ۽ آپريشنل انتظامن جو جائزو ورتو. لوڪل گورنمينٽ جي وزير ناصر حسين شاهه ۽ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر عثمان معظم کان بريفنگ ورتي. ورلڊ بينڪ جي مالي ۽ ٽيڪنيڪي مدد سان لاڳو ٿيندڙ هن منصوبي جي تخميني لاڳت 10 ڪروڙ 50 لک ڊالر آهي جنهن ۾ ورلڊ بينڪ جي 10 ڪروڙ ڊالر جي مالي مدد ۽ سنڌ حڪومت جو 50 لک ڊالر جو حصو شامل آهي. وڏي وزير پاران مجموعي لاڳت تقريبن 14 ارب رپيا پڻ ٻڌائي وئي. منصوبي جو مقصد ڪچرو گڏ ڪرڻ، منتقل ڪرڻ ۽ سائنسي طريقي سان نيڪال ڪرڻ لاءِ هڪ جديد ۽ مربوط نظام قائم ڪرڻ آهي جنهن سان روايتي طور تي ڪچرو اڇلائڻ جي طريقن سان پيدا ٿيندڙ ماحولياتي آلودگي ۽ صحت جي خطرن کي گهٽائي سگهجي. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير چيو ته هن شروعات سان ڪراچي جي ڪچري جي انتظامي نظام کي تبديل ڪرڻ جي هڪ اهم مرحلي جي شروعات ٿي آهي. هن چيو ته اسان ڪراچي ۾ ڪچرو گڏ ڪرڻ جي نظام کي جديد بڻائي رهيا آهيون ۽ ڪچري جي انتظام جي سڄي عمل کي وڌيڪ ڪارآمد ۽ منظم بڻائڻ لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون. هن وضاحت ڪئي ته روايتي طور تي ڪچرو اڇلائڻ سان ڀرپاسي جو ماحول آلوده ٿي سگهي ٿو ۽ مختلف بيمارين لاءِ سازگار حالتون پيدا ٿي سگهن ٿيون. ان جي برعڪس، انجنيئرڊ لينڊ فل کي خاص مواد ۽ ڪيترن ئي حفاظتي تهن کي استعمال ڪندي تيار ڪيو ويو آهي ته جيئن ماحولياتي نقصان کي گهٽ کان گهٽ ڪري سگهجي. تقريبن 150 ايڪڙن تي مشتمل هن سائيٽ کي هڪ انجنيئرڊ لائننگ سسٽم سان تيار ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ جيوٽيڪسٽائل مواد شامل آهي ته جيئن هيٺين مٽي کي آلودگي کان بچائي سگهجي. پاڻي ڪچري مان گذرڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ ليچيٽ کي گڏ ڪرڻ ۽ محفوظ طور تي سنڀالڻ لاءِ هڪ خاص نظام پڻ قائم ڪيو ويو آهي. هن سهولت ۾ سائنسي طريقي سان ڪچري کي دٻائڻ ۽ ڍڪڻ جا طريقا شامل هوندا جڏهن ته ويب برجز ۽ ماحولياتي نگراني جا انتظام آپريشنل ڪنٽرول، رڪارڊ رکڻ ۽ احتساب کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ڪندا. وڏي وزير چيو ته لينڊ فل ڪچري جي سڙڻ سان پيدا ٿيندڙ ميٿين گئس کي گڏ ڪري ۽ استعمال ڪري توانائي پيدا ڪرڻ جا موقعا پڻ فراهم ڪري سگهي ٿي. هن چيو ته لينڊ فل سائيٽون ميٿين پيدا ڪري سگهن ٿيون، جنهن کي گڏ ڪري امڪاني طور تي بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. اسان هن جديد نظام مان ماحولياتي ۽ اقتصادي فائدا حاصل ڪرڻ جا طريقا ڳولي رهيا آهيون. وڏي وزير ورلڊ بينڪ جي مالي ۽ ٽيڪنيڪي مدد تي ان جو شڪريو ادا ڪيو ۽ وڌيڪ چيو ته بين الاقوامي بهترين طريقا سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ ۽ لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ جي صلاحيتن کي مضبوط ڪرڻ ۾ مدد ڪندا. ٽي انجنيئرڊ سيل مڪمل ڪيا ويا: بريفنگ دوران وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته ٽي انجنيئرڊ لينڊ فل سيل مڪمل ڪيا ويا آهن جڏهن ته تعميراتي پيڪيج تي مجموعي اڳڀرائي 61.67 سيڪڙو تائين پهچي چڪي آهي. باقي تعميراتي ڪم کي 30 نومبر 2026 تائين مڪمل ڪرڻ جو هدف آهي. وڏي وزير چيو ته هن سهولت پنهنجي پهرين مرحلي جي افتتاح سان ڪم شروع ڪري ڏنو آهي ۽ اميد ظاهر ڪئي ته باقي سيل پڻ اعلانيل شيڊول موجب مڪمل ڪيا ويندا. مراد شاهه لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته اهي ويب برج جي مناسب آپريشن کي يقيني بڻائين ۽ سهولت تي وصول ٿيندڙ ڪچري جو روزاني درست رڪارڊ برقرار رکن. هن انتظامي نگراني، آپريشنل مانيٽرنگ ۽ احتساب کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ باقاعده رپورٽنگ سسٽم جو پڻ مطالبو ڪيو ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ڪچرو صرف مقرر ڪيل انجنيئرڊ سيلن ۾ ئي اڇلايو وڃي. ڪچري جي منتقلي کي بهتر بڻائڻ لاءِ چار ٽرانسفر اسٽيشنون: وڏي وزير چيو ته انجنيئرڊ لينڊ فل ڪراچي جي ڪچري جي انتظامي نظام کي بهتر بڻائڻ جي هڪ وسيع شروعات جو حصو آهي، جنهن ۾ شرافي ڳوٺ، ڊنگا موڙ، امتياز ۽ گٽر باغيچا ۾ ڪچري جي چئن ٽرانسفر اسٽيشنن جي تعمير شامل آهي. چئن اسٽيشنن جي گڏيل طور تي روزاني 6,500 ٽن ڪچرو سنڀالڻ جي صلاحيت هوندي. انهن سهولتن تي گڏ ڪيل ڪچري کي لينڊ فل سائيٽ تائين پهچائڻ لاءِ وڏين گاڏين ۾ منتقل ڪيو ويندو جنهن سان اهو عمل وڌيڪ ڪارآمد ۽ منظم ٿي ويندو لوڪل گورنمينٽ جي وزير سيد ناصر شاهه موجب شرافي ڳوٺ ٽرانسفر اسٽيشن جي تعمير 71.43 سيڪڙو تائين پهچي چڪي آهي ۽ ان کي 30 آڪٽوبر 2026 تائين مڪمل ڪرڻ جو هدف آهي.

بقايا *** 21

ي ۾ فتنه الهندوستان خلاف ڪامياب آپريشن ۾ چئن دهشتگردن کي جهنم رسيد ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو آهي ۽ پسني ۾ آءِ اي ڊي ڌماڪي ۾ شهيد ٿيندڙ 34 سالن جي ميجر وجاهت وحيد کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو آهي. سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم چيو ته ميجر وجاهت وحيد پياري ملڪ جي حفاظت لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪيو. قوم کي پنهنجي ان بهادر سپوت تي فخر آهي. وزيراعظم شهيد ميجر جي خاندان سان دلي همدردي جو اظهار ۽ شهيد جي درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪئي. هن ايپڪس ڪميٽي جي وزن "عزم استحڪام" تحت غير ملڪي سرپرستي ۾ دهشتگرديءَ جي مڪمل خاتمي جي جنگ جاري رکڻ جي عزم کي ورجايو.

بقايا *** 22

ن ۾ ڀارتي سرپرستي هيٺ ڪم ڪندڙ فتنه الهندوستان جي چئن دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي ۽ گوادر ضلعي جي شادي ڪور علائقي ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن دوران ميجر وجاهت وحيد جي شهادت تي ڏک جو اظهار ڪيو آهي. سومر ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، صدر ملڪ جي دفاع ۽ دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ ميجر وجاهت وحيد جي عظيم قرباني کي خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ شهيد جي ڪٽنب سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو صدر ملڪ جي امن ۽ استحڪام ۽ عوام جي تحفظ لاءِ سيڪيورٽي فورسز جي مسلسل قربانين ۽ پيشه ورانه خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته دهشتگردن جي غيرملڪي سرپرستن ۽ انهن جي مقامي سهولتڪارن جي هر سازش کي ناڪام بڻايو ويندو.

بقايا *** 23

ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته دهشتگردي خلاف پاڪستان پيپلز پارٽي جو موقف هميشه واضح رهيو آهي، شهيد بينظير ڀٽو راولپنڊي ۾ پنهنجي آخري تقرير دوران چيو هو ته اسان سوات ۾ پاڪستان جو جهنڊو لهرائينداسين.هن چيو ته شهيد بينظير ڀٽو جي آخري تقرير جو پيغام آصف علي زرداري اڳتي وڌايو پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت ٺهڻ کان پوءِ، لڳ ڀڳ اٺ لک ماڻهن کي سوات کان ڪراچي ۽ ملڪ جي ٻين شهرن ڏانهن منتقل ڪيو ويو ۽ آپريشن شروع ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ دهشتگردي ختم ٿي ۽ امن بحال ٿيو. آپريشن کان پوءِ، اٺ لک ماڻهن کي انهن جي علائقن ۾ آباد ڪيو ويو. هي هڪ وڏو قدم هو، جيڪو پاڪستان پيپلز پارٽي جي دهشتگردي خلاف عزم کي ظاهر ڪري ٿو.

بقايا *** 24

آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو آهي. گهرو وزارت مان جاري ڪيل بيان موجب گهرو وزير پسني ۾ ڌماڪي ۾ شهادت ماڻيندڙ ميجر وجاهت وحيد کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي شهيد جي ڪٽنب سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو. محسن نقوي چيو ته ميجر وجاهت وطن جي امن لاءِ حياتي قربان ڪري هميشه لاءِ امر ٿي ويو آهي. هن زور ڀريو ته شهيد ميجر وجاهت سميت سمورن شهيدن وطن جي تحفظ لاءِ حياتيون قربان ڪيون آهن. گهرو وزير جو چوڻ هيو ته شهيد ميجر وجاهت اسان جي دلين ۾ هميشه زنده رهندو ۽ سندس ان عظيم قرباني کي قوم هميشه ياد رکندي.

بقايا *** 25

104.78 پوائنٽس سان وڌي هڪ لک 66 هزار 524.24 پوائنٽس تي پهچي ويو مارڪيٽ ۾ مجموعي طور تي 572 ڪمپنين جي شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي جنهن مان 231 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمت ۾ اضافو، 226 ۾ گهٽتائي ۽ 115 جي قيمتن ۾ استحڪام رهيو. شروعاتي سيشن دوران مجموعي طور تي 12 ڪروڙ 91 لک 50 هزار شيئرز جو ڪاروبار ٿيو جن جي ماليت 7.30 ارب روپيا رهي. پاڪستان ريفائنري لميٽيڊ جي 2 ڪروڙ 37 لک 80 هزار، سنرجي ڪو پي ڪي لميٽيڊ جي 2 ڪروڙ 12 لک 70 هزار ۽ سيپ پاور لميٽيڊ جي 56 لک 30 هزار شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي. يوني ڪيپ مضاربه، سنڌ مضاربه ۽ ڪريسنٽ فائبرز لميٽيڊ جا شيئرز قيمتن ۾ اضافي جي لحاظ کان سرفهرست ڪمپنيون رهيون.

بقايا *** 26

ي کاڌي پيتي جي ضروري شين جي اضافي پيداوار جي برآمد ۾ ايندڙ رڪاوٽون ختم ڪرڻ ۽ واپار ۾ سهولت فراهم ڪرڻ جي لاءِ عملي قدمن جي هدايت ڪئي آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان جي بيان موجب نائب وزيراعظم جي صدارت ۾ کاڌي پيتي جي ضروري شين جي برآمدات جو جائزو وٺڻ جي لاءِ قائم ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ملڪي پيچ ۽ طلب، مارڪيٽ جي موجوده صورتحال ۽ عالمي منڊين تائين پهچ جي موقعن جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ان ڳالهه تي ڌيان ڏنو ويو ته واپار کي فروغ ڏيڻ سان گڏوگڏ ملڪ ۾ ضرورت جي شين جي مناسب دستيابي ۽ قيمتن جو استحڪام پڻ يقيني بڻايو وڃي. اجلاس ۾ قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق ۽ موسمياتي تبديلي وارن وزيرن، وزيراعظم جي خاص معاون طارق باجوه، واپار ۽ قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق وارن سيڪريٽرين سميت وفاقي ۽ صوبائي ادارن جي سينيئر عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا *** 27

س جو اظهار ڪيو آهي.بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ميجر وجاهت وحيد جي شهادت مادر وطن جي دفاع ۽ ملڪ ۾ امن جي قيام لاءِ ڏنل وڏي قرباني آهي. بلوچستان ۾ دهشتگردي خلاف ڪارروائين دوران سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون سڄي قوم لاءِ فخر جو سبب آهن.هن چيو ته ڪارروائيءَ دوران چار دهشتگردن جو خاتمو سيڪيورٽي فورسز جي پيشه ورانه صلاحيتن جو مظهر آهي. دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ ملڪ ۾ پائيدار امن جي قيام لاءِ قومي عزم اٽل آهي.پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين شهيد ميجر وجاهت وحيد جي گهروارن سان تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي دعا ڪئي ته الله تعاليٰ شهيد جا درجا بلند ڪري ۽ پوين کي هي صدمو سهڻ لاءِ صبر جميل عطا ڪري.

بقايا *** 28

عامه (آءِ ايس پي آر) موجب 18 آڪٽوبر تي قلات جي علائقي جتڪ آباد ۾ انٽيليجنس بنيادن تي آپريشن ڪيو ويو، جنهن ۾ 4 دهشتگرد مارجي ويا. ڪارروائيءَ دوران هٿيارن ۽ گولا بارود جو وڏو مقدار به برآمد ڪيو ويو.آءِ ايس پي آر ٻڌايو آهي ته سيڪيورٽي فورسز گوادر جي علائقي شادي ڪور ۾ ڪليئرنس آپريشن جو سلسلو شروع ڪيو، جنهن دوران سيڪيورٽي فورسز جي دستي کي آءِ اي ڊي سان نشانو بڻايو ويو.ترجمان پاڪ فوج موجب ضلعي گوادر جي تحصيل پسني جي علائقي شادي ڪور ۾ دهشتگردن جي خاتمي ۽ علائقي کي محفوظ بڻائڻ لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي.

بقايا *** 29

قائم مقام چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت جو حلف ورتو. تقريب ۾ ججن، عدالتي آفيسرن، اسٽاف ۽ قانوني آفيسرن شرڪت ڪئي.واضح رهي ته وفاقي آئيني عدالت جو چيف جسٽس امين الدين خان 19 کان 22 آڪٽوبر تائين آذربائيجان ۾ ترڪ دنيا جي آئيني عدالتن ۽ آئيني دائري اختيار رکندڙ ادارن جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري رهيو آهي چيف جسٽس امين الدين خان جي غير موجودگيءَ ۾ جسٽس حسن اظهر رضوي قائم مقام چيف جسٽس جا فرائض سرانجام ڏيندو.

بقايا *** 30

مي ادارن ۾ واپسي ۽ معياري تعليم تائين برابر رسائي يقيني بڻائڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪري رهي آهي. انهن خيالن جو اظهار هن گڏيل قومن جي خوراڪ بابت عالمي اداري (ورلڊ فوڊ پروگرام) جي اعليٰ سطحي وفد سان ملاقات دوران ڪيو جنهن وفاقي تعليم ۽ پيشه ورانه تربيت واري وزارت ۾ سائنس ملاقات ڪئي. وفد ۾ ڊبليو ايف پي هيڊ ڪوارٽرز روم جو چيف آف پروگرام آپريشنز احمرين ڪريم، ڊبليو ايف پي پاڪستان جي ڪنٽري ڊائريڪٽر انيتا هرش، سينئر پروگرام پاليسي آفيسر ڪويتا برهم ڀٽ ۽ ڊبليو ايف پي پاڪستان جي پارٽنرشپس آفيسر روبينه ذوالقرنين شامل هيون.

بقايا *** 31

وحيد شهيد کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي، ته هن بهادري، عزم ۽ حب الوطني جو لازوال مثال قائم ڪيو سومر تي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي هڪ پيغام ۾ هن چيو ته ميجر وجاهت وحيد شهيد وطن جي دفاع ۽ فرضن جي ادائگي ۾ جان جي قرباني پيش ڪئي، اسان جا شهيد قوم جو فخر ۽ پاڪستان جي طاقت آهن. سندن قربانيون هميشه اسان جي دلين ۾ زنده رهنديون. اهي قربانيون ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه آهن. هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ ميجر وجاهت وحيد شهيد جا درجات بلند ڪري ۽ ڪٽنب جي ڀاتين کي صبر عطا ڪري.

بقايا *** 32

ين دوران 4 دهشتگردن کي جهنم 32پهچائڻ ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو. سومر ڏينهن پنهنجي هڪ بيان ۾ هن گوادر (شادي ڪور) آپريشن دوران ميجر وجاهت وحيد جي قيمتي حياتي جي نقصان تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. اسپيڪر شهيد ميجر وجاهت وحيد جي عظيم قرباني ۽ وطن سان پختي وفاداري تي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته ميجر وجاهت وحيد وطن لاءِ جان جو نذرانو پيش ڪيو. هن شهيد ميجر وجاهت وحيد جي خاندان سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته قوم ميجر وجاهت وحيد شهيد جي قرباني کي هميشه ياد رکندي. دهشتگردي خلاف پوري قوم متحد آهي، وطن جي دفاع ۽ امن جي قيام لاءِ سيڪيورٽي فورسز لازوال قربانيون پيش ڪيون آهن. هن ميجر وجاهت وحيد شهيد جي درجن جي بلندي ۽ خاندان لاءِ صبر جي دعا ڪئي.

بقايا *** 33

ڪٽر کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو.ضبط ڪيل سون جي سليون واپس ڪرڻ بابت ڪيس جي ٻڌڻي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ٿي، جنهن دوران عدالت سون جي سليون جي بدلي ۾ تقريباً 48 لک روپين جي ادائيگيءَ جي آڇ تي عدم اطمينان جو اظهار ڪندي ڪليڪٽر کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو ۽ 2 هفتن ۾ جواب طلب ڪيو.جسٽس سردار اعجاز اسحاق ۽ جسٽس ارباب محمد طاهر تي مشتمل ڊويزن بينچ ڪيس بابت حڪمنامو جاري ڪيو واضح رهي ته وقار النساء نالي شهريءَ توهين عدالت جي درخواست داخل ڪري رکي.

بقايا *** 34

رڻ لاءِ تيار نه هئي، ايمرجنسي معدنيات لاءِ نه پر سيڪيورٽي جي صورتحال سبب لڳائي وئي.اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي بئريسٽر عقيل ملڪ چيو ته جمعيت علماءِ اسلام طرفان الزام لڳايا پيا وڃن ته ايمرجنسي لڳائڻ جو فيصلو معدني وسيلن سبب ڪيو ويو.هن چيو ته مولانا فضل الرحمان هڪ تجربيڪار سياستدان آهن ۽ هو پاڻ به صوبي جي سيڪيورٽي صورتحال تي عدم اطمينان جو اظهار ڪري چڪو هو.هن چيو ته مولانا فضل الرحمان آمريڪا جو نالو کڻي لڳايو ته ان کي معدنيات جو لائسنس ڏنو ويو آهي.بئريسٽر عقيل ملڪ مولانا فضل الرحمان کي چئلينج ڪندي چيو ته هو آمريڪا سان معدنيات جي لائسنس جو ثبوت سامهون آڻي.هن دعويٰ ڪئي ته آمريڪا يا ڪنهن ٻئي ملڪ سان معدنيات بابت ڪو به لائسنس جاري نه ڪيو ويو آهي.سندس چوڻ هو ته اهي الزام ڪوڙا ۽ هٿ ٺوڪيا آهن. جنهن جي هو ترديد ڪري ٿو.بئريسٽر عقيل ملڪ موجب، فيبروري 2024 ع تائين 3 هزار 262 مائننگ لائسنس جاري ڪيا ويا هئا، جڏهن ته 2024 ع کان پوءِ هيئنر تائين وڌيڪ 4 هزار 917 لائسنس جاري ڪيا ويا آهن.هن دعويٰ ڪئي ته اهي لائسنس پي ٽي آءِ حڪومت جي دور ۾ جاري ڪيا ويا، جنهن جي صوبي ۾ 13 سالن کان حڪومت رهي آهي.سندس چوڻ هو ته اهي الزام ڪوڙا ۽ هٿ ٺوڪيا آهن، جنهن جي هو ترديد ڪري ٿو.

بقايا *** 35

سال يونيورسٽيءَ ۾ ڪم ڪيو. ٽن سالن جي مدت پوري ڪرڻ کانپوءِ يونيورسٽي عورت ٽيچر کي تنگ ڪري رهي آهي يونيورسٽيءَ جي وڪيل چيو ته عورت ٽيچر کي حڪومت 56 لک جي اسڪالرشپ ڏني هئي، عورت ٽيچر کي ٽن سالن تائين يونيورسٽيءَ ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻيون هيون، ۽ عورت ٽيچر ٽن سالن ۾ 196 ڏينهن موڪل تي رهي.قائم مقام چيف جسٽس آئيني عدالت چيو ته يونيورسٽيءَ موڪل جون درخواستون منظور ڪيون، عورت ٽيچر استعيفي ڇو ڏني؟ اسسٽنٽ پروفيسر جي سيٽ تي توهان عورت کي چونڊيو ڪونه. ٻاهران ماڻهو وٺي آيا، سرڪار جو پئسو خرچ ڪري پي ايڇ ڊي ڪرائي ۽ اسسٽنٽ پروفيسر ٻاهران وٺي آيا.جسٽس حسن اظهر رضوي پنهنجي ريمارڪس ۾ چيو ته عورت جي منظور ٿيل موڪلن کي يونيورسٽي ڪيئن چئلينج ڪري سگهي ٿي، جنهن موڪل منظور ڪئي ان خلاف يونيورسٽيءَ ڪهڙي ڪارروائي ڪئي.واضح رهي ته عدالت يونيورسٽيءَ جي عورت ٽيچر سيده ليلا جي حق ۾ فيصلو برقرار رکيو.

بقايا عوامي سوچ 01

جعفريه پاڪستان ۽ شيعه علماء ڪونسل پاڪستان جي سربراهه علامه سيد ساجد علي نقوي ٽيليفوني خطاب ڪندي چيو ته تنظيمي سرگرمي، وحدت ۽ اخوت ۽ عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ مسلسل جدوجهد بنيادي اهميت جي حامل آهي. تنظيم جيتري فعال ۽ متحرڪ هوندي، پنهنجن مقرر ڪيل هدفن جي حصول ۾ اوترو ئي آسان ٿيندو. آيت الله سيد ساجد علي نقوي چيو ته سنڌ مان حقن جي تحفظ لاءِ هميشه طاقتور آواز بلند ٿيندو رهيو آهي. هن تنظيمي ميمبرن تي زور ڏنو ته گروهه بندي کان پاسو ڪن، پنهنجن صفن ۾ وحدت، اخوت ۽ باهمي احترام کي برقرار رکن. هڪ ٻئي سان رابطا مضبوط ڪن، هڪ ٻئي جو احترام ڪن ۽ ڏکي وقت ۾ هڪ ٻئي جي پٺڀرائي ڪن. انهن قدمن سان تنظيم مضبوط ٿيندي ۽ حقن جي حصول لاءِ جاري جدوجهد کي وڌيڪ تقوت (مضبوطي) ملندي. آيت الله سيد ساجد علي نقوي اها اميد ظاهر ڪئي ته صوبائي ڪونسل جو هي اجلاس مثبت ۽ مؤثر نتيجن جو ذريعو بڻبو. اجلاس کي مرڪزي جنرل سيڪريٽري علامه ڊاڪٽر شبير الحسن ميثمي، مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري علامه محمد علي جروار، صوبائي صدر علامه سيد اسد اقبال زيدي، صوبائي سينيئر نائب صدر مولانا سيد محسن علي شاهه، دوست علي ونگاڻي، زوار محمد حسين چانڊيو، عظمت بلوچ، مولانا ڪفايت حسين ڪريمي، مولانا قربان علي حيدري، مولانا تاج علي انقلابي، مولانا امداد علي، مولانا عطا حسين چانڊيو، مولانا شاڪر علي، مولانا مجاهد حسين ۽ مولانا محمد عالم خان مري خطاب ڪيو. هن موقعي تي صوبائي ۽ ضلعي ڪارڪردگيءَ جون رپورٽون پيش ڪيون ويون ۽ مرڪزي سيڪريٽري جنرل علامه ڊاڪٽر شبير الحسن ميثمي ۽ صوبائي صدر سنڌ علامه سيد اسد اقبال زيدي بهترين ڪارڪردگي تي ضلعن کي شيلڊون پيش ڪيون.

بقايا عوامي سوچ 02

نازي نماز ۾ پ پ ايم پي اي شاهه حسين شاهه شيرازي اڳوڻو ضلعي صدر ارباب وزير ميمڻ جسقم آريسر گروپ جي چيئرمين اسلم خيرپوري اڳوڻو ايم پي اي سيٺ چيتن مل، بار ضلعي جو صدر قادر خاصخيلي، لطيف ڪٽي، عبدالرحمان غني ملاح، پريس ڪلب سجاول جي جنرل سيڪريٽري امتياز ميمڻ، غفور پليپوٽو، قادر خاصخيلي، ظهير شورو، واحد پرهياڙ، سجاد شورو سميت مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي آخري رسمون اباڻي قبرستان بٺورو ۾ ادا ڪيون

بقايا عوامي سوچ 03

رپورٽ موجب گذريل رات دير سان لاڙڪاڻي جي ڪنگا ٿاڻي جي حد ڳوٺ فتح پور ۾ شادي تقريب دوران مبينا هوائي فائرنگ ۾ گولي لڳڻ سبب نوجوان فياض پٽ مظهر علي سولنگي سخت زخمي ٿي پيو، جنهن کي سندس وارثن ڳنڀير حالت ۾ ڪٽائي ٽراما سينٽر لاڙڪاڻو آندو، جتي نوجوان زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو. ان حوالي سان ٻڌايو پيو وڃي ته لاڙڪاڻي لڳ ڳوٺ فتح پور ۾ شادي جي هڪ تقريب رٿيل هئي، جتي خوشي ۾ هوائي فائرنگ ڪئي وئي، جنهن دوران اوچتو نوجوان فياض سولنگي کي گولي لڳي ۽ هو زخمي ٿيڻ بعد اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿي ويو آهي. هوڏانهن فوتي نوجوان جو لاش اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد سندس وارثن حوالي ڪيو ويو ۽ نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي سندس گهر ۾ قهرام مچي ويو. جڏهن ته شادي جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون.

بقايا عوامي سوچ 04

حسين پيش ڪئي وئي جلسي ۾ پيپلزپارٽي جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ علائقي جي ماڻهن هزارن جي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته شهيدن جي قربانين کي ياد ڪندي جمهوريت جي بقا، عوامي حقن ۽ پارٽي جي جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ جو عزم ورجايو ويو. ان موقعي تي صوبائي وزير فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ رئيس محمد علي ملڪاڻي خطاب ڪندي چيو ته 18 آڪٽوبر 2007ع تي شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي وطن واپسيءَ جي موقعي تي ڪراچيءَ ۾ ڪارساز وٽ سندس قافلي تي بم ڌماڪن ذريعي حملو ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترين ئي انساني جانيون ضايع ٿيون ۽ سوين ڪارڪن زخمي ٿيا. اهو واقعو پاڪستان جي سياسي تاريخ جو هڪ ڏکوئيندڙ باب آهي، جنهن ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ ڪيترن ئي جانثارن پنهنجون جانيون قربان ڪيون. شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي استقبال لاءِ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان پيپلزپارٽي جا ڪارڪن ۽ همدرد وڏي انگ ۾ ڪراچي پهتا هئا. انهن ڪارڪنن جي دلين ۾ پنهنجي قائد سان محبت، جمهوريت جي بحالي ۽ ملڪ ۾ عوامي حڪمرانيءَ جي قيام جو جذبو موجود هو. پر افسوس رئيس محمد علي ملڪاڻي چيو ته ڪارساز سانحي جي شهيدن ۾ شاهه يقيق جو بهادر ۽ وفادار ڪارڪن شهيد حمزو ماڪڙو پڻ شامل هو، جنهن پنهنجي قائد سان محبت ۽ پارٽيءَ سان وابستگيءَ جي تاريخ رقم ڪئي. شهيد حمزو ماڪڙو جي قرباني کي وساري نٿو سگهجي. سندس نالو هميشه عزت ۽ احترام سان ياد ڪيو ويندو. شاهه يقيق جي ڌرتيءَ جي هن شهيد پنهنجي جان قربان ڪري جمهوريت جي جدوجهد ۾ پنهنجو حصو وڌو. هن وڌيڪ چيو ته پيپلزپارٽي سنڌ جي ورهاڱي خلاف ڪڏهن به ڪنهن سازش جو حصو نه بڻجندي نوان صوبا سنڌ ۾ ڪنهن به ريت قبول نه آهن پي پي جو موقف سنڌ کي ٽوڙڻ جي حوالي سان واضح آهي ان موقعي تي پي پي ايم پي اي هير سوهو ارباب وزير ميمڻ عبداللطيف ميمڻ عبدالستار لوهار فردوس عزيز ملاح عبدالواحد پڙهيار محمد يوسف جمالي غلام نبي ٿهيم ڊاڪٽر اقبال ميمڻ رميزالدين زئور سجاد شورو منظور پليجو سميت ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي 18 آڪٽوبر جي شهيدن کي زبردست ڀيٽا پيش ڪئي جڏهن ته ڪارساز جي شهيدن ۽ شهيد راڻي جي ايصال ثواب لاءِ فاتح خواني پڻ ڪئي وئي

بقايا عوامي سوچ 05

ل ۾ 300 شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، جڏهن ته ٻن استادن جي بدلي ڪانپوءِ صرف هڪ استاد رهجي وڃڻ سبب شاگردن جي تعليم متاثر ٿيڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي. مليل ڄاڻ موجب، اسڪول ۾ شاگردن جو وڏو انگ موجود هجڻ باوجود ٻن استادن جي بدلي ڪرڻ واري فيصلي تي ڳوٺاڻن ۽ تعليم سان لاڳاپيل ماڻهن پاران خدشا ظاهر ڪيا پيا وڃن. سندن چوڻ آهي ته هڪ استاد لاءِ 300 شاگردن کي پڙهائڻ، مختلف ڪلاسن جو انتظام سنڀالڻ ۽ تعليمي سرگرمين کي بهتر نموني جاري رکڻ انتهائي ڏکيو ٿي سگهي ٿو. ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته اسڪولن ۾ استادن جي ڪوٽ سبب ٻارن جي تعليم اڳ ئي مختلف مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي، اهڙي صورتحال ۾ وڌيڪ استادن جي بدلي ڪرڻ سان شاگردن جي پڙهائي متاثر ٿيڻ جو انديشو آهي. هنن سوال اٿاريو آهي ته جيڪڏهن 300 شاگردن کي پڙهائڻ لاءِ صرف هڪ استاد موجود هوندو ته ٻارن کي معياري تعليم ڪيئن فراهم ٿي سگهندي؟ تعليم واري وزير ۽ لاڳاپيل اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڳوٺاڻن سنڌ جي تعليم واري وزير سردار علي شاهه ۽ تعليم کاتي جي لاڳاپيل اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته اسڪول جي صورتحال جو فوري نوٽيس وٺي، ٻن استادن جي بدلي واري فيصلي جو جائزو ورتو وڃي ۽ شاگردن جي انگ جي حساب سان گهربل تدريسي عملي جي مقرري کي يقيني بڻايو وڃي. هنن مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول ۾ استادن جي ڪوٽ ختم ڪري ٻارن جي تعليمي مستقبل کي محفوظ بڻايو وڃي ۽ بدلين جي فيصلي سبب شاگردن جي تعليم متاثر ٿيڻ جي خدشي جو مناسب حل ڪڍيو وڃي. ڳوٺاڻن خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن سندن خدشن جو ازالو نه ڪيو ويو ۽ اسڪول ۾ استادن جي ڪوٽ ختم نه ڪئي وئي ته هو احتجاج جو رستو اختيار ڪندا

بقايا عوامي سوچ 06

ڪارروائي ڪندي ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان گٽڪي ۽ سفيني جا 450 پيڪٽ هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. پوليس موجب گرفتار جوابدارن وٽان آداب گٽڪي جا 275 پيڪٽ ۽ سفيني جا 175 پيڪٽ هٿ ڪيا ويا آهن. گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ محمد حسن ولد گل بيگ، رهواسي لياقت ڪالوني، مدرسي چوڪي ميرپورخاص، ۽ عبدالقادر ولد عبدالغفار، رهواسي ڳوٺ اگيدينو پنهور، خان روڊ ميرپورخاص طور ڪئي وئي آهي

بقايا عوامي سوچ 07

منعقد ٿيو، جنهن ۾ ٿرپارڪر ۽ ميرپورخاص ڊويزن جي 16 ٽيمن حصو ورتو. ٽورنامينٽ جو فائنل ٿرپارڪر جي مقامي ٽيمن ارباب امير حسن ڪرڪيٽ ٽيم ۽ ڏاراڻي لوورز وچ ۾ کيڏيو ويو. دلچسپ مقابلي کانپوءِ ڏاراڻي لوورز ڇهن وڪيٽن تان ڪاميابي حاصل ڪري چيمپيئن بڻجي وئي. تقريب ۾ خاص مهمانن طور ارباب جونيئر ارباب امير حسن، ارباب رضا الله، ارباب عبدالرحمان، ڊويزنل ڪوآرڊينيٽر اسپورٽس واشديو مالهي، سشيل سوني، واپاري ايسوسيئيشن جو صدر شام سندر، اسلم قائم خاني ۽ ٻين معزز شخصيتن، واپارين، شهرين ۽ ڪرڪيٽ جي شوقينن شرڪت ڪئي. تقريب دوران فاتح ۽ رنر اپ ٽيمن ۾ انعام ورهايا ويا، جڏهن ته بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ رانديگرن کي پڻ ايوارڊ ڏنا ويا. ٽورنامينٽ جو مقصد نوجوانن ۾ راندين کي هٿي ڏيڻ، ڪرڪيٽ جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ ٿرپارڪر توڙي ميرپورخاص ڊويزن جي رانديگرن وچ ۾ پائيچاري ۽ راندين جي جذبي کي فروغ ڏيڻ هو.

بقايا عوامي سوچ 08

ٽائون ڪميٽي سجاول اينٽي انڪروچمينٽ فورس، ون فائيو فورس سنڌ پوليس شامل اڄ پبلڪ پارڪ وٽان ڪافي ريڙها سبزي مڇي فروٽ فروش حددخليون ڪندڙن کي هٽائڻ سان گڏ ڇاپرا پڻ پٽرايا ويا هوڏانهن متابل هند نه هجڻ سبب متاثر سبزي مڇي فروٽ فروش مايوسي جو شڪار ٿي ويا جڏهن ته ڪافي هندن تي وڏن واپارين ڇاپرا وڌائڻ سان گڏ روڊ کي سوڙهو ڪيو ويو آهي انتظاميا جي عملدارن موجب نوٽيس تي عمل نه ڪندڙن تي ڪيس داخل ڪرڻ سان گڏ ڪين گرفتار ڪيو ويندو متن ڏنڊ لڳايو ويندو بهتر آهي هو انتظاميا جي حڪم تي عمل ڪن..

بقايا عوامي سوچ 09

محمود آباد جو دورو ڪيو. جتي ضلعي مئنيجر ميڊيڪل آفيسر هيڊ ڪوارٽر ڊاڪٽر سنيل ڪمار ۽ مانيٽرنگ آفيسر پريجي مل سان گڏ مختلف شعبن جو جائزو ورتو. پرائمري هيلٿ سينٽر محمود آباد جي انچارج سينئر ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر پرديپ ڪمار هن مهيني جي رڪارڊ تي بريفنگ ڏني. جنهن مطابق بنيادي صحت مرڪز محمود آباد جي او پي ڊي 1500 کان وڌيڪ هئي جيڪا مقامي ڪميونٽي جي ڊاڪٽرن تي اعتماد جو عڪس آهي. ان سان گڏ 185 حامله عورتن جو طبي معائنو ڪيو ويو ۽ ٻيون طبي سهولتون جهڙوڪ ليب ٽيسٽ، خانداني منصوبابندي ۽ دوائون پڻ ڪافي اسٽاڪ ۾ موجود هيون. ليبر روم، پاڻي جي سهولت ۽ صفائي سترائي. ساراهه جوڳي هئي. ضلعي مئنيجر ميرپور خاص_اي دوري کان پوءِ هڪ ڪميونٽي ميٽنگ منعقد ڪئي جتي معزز شهرين بنيادي سهولتن جي بنياد تي ميڊيڪل آفيسر ۽ ضلعي ٽيم تي اعتماد ڪيو ۽ چيو ته پرائمري هيلٿ سينٽر محمود آباد خلاف شايع ٿيندڙ خبرون من گهڙت ۽ بي بنياد آهن. ضلعي مئنيجر ڪميونٽي جي ميمبرن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته پي پي ايڇ آءِ جون ضلعي ٽيمون ڏينهن رات ڪميونٽي جي خدمت لاءِ ڪم ڪري رهيون آهن. شڪايتن جي صورت ۾، هڪ آن لائن سيل پڻ آهي جنهن جي نگراني هيڊ آفيس ۽ ريجنل آفيس ڪري ٿي. تنهن ڪري، ميڊيا تي بي بنياد خبرن تي ڌيان ڏيڻ بدران، شڪايتون شڪايت مئنيجمينٽ سيل ۾ داخل ڪرايون وڃن. جنهن جو فوري طور تي ازالو ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 10

جوابدارن جي گرفتاريءَ جو مطالبو جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي وائيس چيئرمين نواز شاهه پاڏائي جي مڪليءَ واري رهائشگاهه تي نامعلوم هٿياربندن پاران مبينا فائرنگ ڪرڻ واري واقعي خلاف جيئي سنڌ محاذ ضلعي ٺٽي پاران ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي. احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي جيئي سنڌ محاذ ضلعي ٺٽي جي صدر امجد شورو، نادر شاهه، دلبر شاهه، ياسين گهراڻو، جهانزيب بروهي، الطاف شاهه، ملڪ نواز جوکيو، عالم پليجو، زبير شيخ، سرفراز خشڪ، فدا حسين خاصخيلي، سارنگ درس ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي. ان موقعي تي مظاهرين نواز شاهه پاڏائي جي گهر تي فائرنگ واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري طور نوٽيس وٺي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي، جڏهن ته فائرنگ ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. جيئي سنڌ محاذ جي اڳواڻن چيو ته سياسي اڳواڻن ۽ شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻائڻ حڪومت ۽ لاڳاپيل قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ذميواري آهي. هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جي حقيقتن کي سامهون آڻي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن علائقي ۾ امن امان جي صورتحال برقرار رهي سگهي. مظاهرين خبردار ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ۽ جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ لاڳاپيل اختيارين کي سنجيدگيءَ سان قدم کڻڻ گهرجن، جيئن اهڙن واقعن جي روڪٿام ممڪن بڻجي سگهي

بقايا عوامي سوچ 11

جبر ۽ جاگيرداريءَ خلاف نفرت پيدا ڪئي اهڙيون ڳالهيون سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاڪو ٺٽي ضلعي جي تاريخي ۽ قديمي شهر ميرپور ساڪري ۾ سنڌ جي ناميارو مزاحمتي ۽ رومانوي شاعر سرويچ سجاوليءَ جي 22هين ورسيءَ جي مناسبت سان سنڌ ڪلچرل فورم پاران ڪوٺايل ڪچهريءَ ۾ ڳالهائيندي چيون ،هن چيو ته سرويچ سجاوليءَ جي شاعري ۽ سندس پڙهڻ جي انداز جي ڪري قومي عوامي ۽ جمهوري جلسا ڪامياب ٿيندا هئا،سندس رومانوي شاعري به ڪمال جي آهي ،ساڪرو سماجي فورم جي روح روان خدا بخش لاشاريءَ چيو ته سرويچ سجاوليءَ لاڙپٽيءَ جو تمام گهڻو سگهارو، عوام دوست، جمهوريت دوست ۽ قوم دوست شاعر هيو جنهن کي قومي ۽ جمهوري سوچ جي ڪري ڪوڙ پسند ڌرين ڪاٽ ۾ وجهي جهڪائڻ چاهيو پر هن ماڃرجي ڪويءَ کي جهڪائي نه سگهيا ،سندس شاعري سنڌ جي جهرجهنگ ۾ اڄ به گونجي رهي آهي ،سينيئر شاعر جمال مراد ڳبول چيو ته محمد خان مجيدي،ابراهيم منشي ۽ سرويچ سجاولي لاڙخطي جا تمام وڏا عوامي شاعر هيا جن کي ٻڌڻ لاءِ عوام ڪلاڪن جا ڪلاڪ ايپي پير ٻيٺو رهندو هيو ،سنڌ سيپتا سگهڙ فورم جي چيئرمين جمشيد زهراڻيءَ چيو ته سرويچ سجاولي پنهنجي دور جو تمام وڏو عوامي شاعر هيو جنهن پنهنجي شاعريءَ وسيلي سنڌ جي حسناڪين،تڪليفن ،ظلمتن ۽ ڏاڍ خلاف سگهاريءَ عوامي انداز ۾ شعر لکيا ،عوامي شاعر عاجز قادر بخش سمون چيو ته لاڙ جي سرزمين هر دور ۾ ڏاها انسان پيدا ڪيا آهن جن ۾ سرويچ سجاوليءَ جو نالو به پهرئين صف ۾ شامل ٿئي ٿو،ان موقعي تي سياسي،سماجي،علمي ادبي شخصيتن عبدالغني عباسي،ياسين پروانو آرائين،علي ،عبدالخالق آرائين،سارنگ لاشاري ۽ ٻين شرڪت ڪئي،ڪچهريءَ ۾ شامل ساجاه وندن سنڌ حڪومت ۽ ثقافت کاتي کان پرزور مطالبو ڪيو ته ساحلي پٽيءَ جي ادب،موسيقي،شاعري،هنرن،اهنجن تڪليفن،پاڻيءَ جي کوٽ جي ڪري ٿيندڙ تباهڪارين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي ساحلي پٽيءَ ۾ ساحلي ميلو لڳايو وڃي ۽ سرويچ سجاوليءَ جي رهيل شاعريءَ جا ڪتاب جلد کان جلد شايع ڪرايا وڃن

بقايا عوامي سوچ 12

جاجي مظاهرو پ ٽ الف جي ضلعي ٺٽي جي صدر محمد اشرف تنيو، خير محمد بروهي، احمد جاکرو، محمد علي شر، محمد سرور جوکيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مڪلي پبلڪ پارڪ کان ڊي سي آفيس چوڪ تائين احتجاجي مارچ ڪري سخت نعريبازي ڪندي چيو ته استادن جو اجان تائين چارٽر اف ڊمانڊ منظور ٿي ناهي سگهيو، هنن گهر ڪئي ته استادن جا جائز مسئلا حل ڪري کين پريشاني کان بچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ مسئلن جي حل لاءِ ڪراچي جو رخ ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 13

ه سندس مائٽن زندگي جنجال بڻائي ڇڏي آهي. احتجاج ڪندڙ عورت نصرت جو چوڻ هو ته مائٽن پهرين مڙس کان طلاق وٺرائي، جڏهن ته هاڻي پنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪرڻ تي ڪيس ۽ سندس مڙس کي مبينا طور هراسان ڪيو پيو وڃي. هن الزام هنيو ته مائٽن سندس مڙس شاهنواز نوحاڻي ۽ سندس مائٽن خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي کين پريشان ڪري رهيا آهن، جڏهن ته متن ڪيترائي ڀيرا حملا پڻ ڪيا ويا آهن. هن وڌيڪ چيو ته عدالت ۾ پيشيءَ لاءِ اچڻ وقت به کين جان سان مارڻ جو خطرو آهي، جنهن سبب هو خوف واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن.احتجاج ڪندڙ عورت وس وارن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي ڪيس ۽ سندس مڙس کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، جيئن هو بنا ڪنهن خوف ۽ دٻاءَ جي پنهنجي مرضيءَ مطابق آزادانه زندگي گذاري سگهن.

بقايا عوامي سوچ 14

، برادريءَ ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي ميرپورخاص: چوڌري شهزاد قتل ڪيس ۾ اڄ اهم قانوني اڳيرائي ٿي آهي، جتي ايڊووڪيٽ تاج محمد ڪيريو ۽ ايڊووڪيٽ وحيد علي لاشاري جي قانوني پيرويءَ سان انعام علي لاشاري، امداد علي لاشاري، افضل لاشاري ۽ عامر لاشاري جي پنج پنج لک رپين جي مچلڪن عيوض ضمانت منظور ڪئي وئي. عدالتي فيصلي کانپوءِ لاشاري برادريءَ ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي، جڏهن ته ڳوٺ محمد علي لاشاري سميت سڄي برادريءَ ۾ خوشيءَ جو اظهار ڪيو پيو وڃي. لاشاري برادريءَ جو چوڻ آهي ته کين عدالتن تي مڪمل اعتماد ۽ يقين آهي. برادريءَ موجب، هن ڏکئي وقت ۾ قانوني جدوجهد جاري رکندي کين اميد آهي ته عدالتي عمل ذريعي حقيقتون سامهون اينديون ۽ انصاف جا تقاضا پورا ٿيندا. واضح رهي ته برادريءَ جي دعويٰ موجب، هن ڪيس ۾ نامزد سمورن 9 جوابدارن جون ضمانتون منظور ٿي چڪيون آهن

بقايا عوامي سوچ 15

ي 19هين ورسي جي سلسلي ۾ ٺٽي ۾ پڻ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪري شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي. سانحي ڪارساز جي شهيدن جي 19هين ورسي جي سلسلي ۾ ٺٽي ۾ پڻ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪري شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي. تقريب کي پاڪستان پيپلزپارٽي ٺٽي جي ضلعي صدر ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر صادق علي ميمڻ، صوبائي وزير رياض شاهه شيرازي، اڳوڻي صوبائي وزير ۽ سينيٽر سسئي پليجو، پيپلز پارٽي جي اڳواڻ عاشق حسين زرداري، ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين عبدالحميد پنهور، امتياز قريشي، پير غلام رحماني، ممتاز جلباڻي ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو. مقررن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سانحي ڪارساز جا شهيد پاڪستان پيپلز پارٽي جو قيمتي اثاثو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جا جانثار هئا، جن جمهوريت ۽ عوامي حقن لاءِ پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪيا. هن چيو ته سانحي ڪار ساز جي شهيدن جون قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون ۽ سندن جدوجهد پارٽي جي ڪارڪنن لاءِ مشعلِ راهه رهندي. مقررن شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪندي سندن قربانين کي جمهوريت جي تاريخ جو اهم باب قرار ڏنو.

بقايا عوامي سوچ 16

ار ۽ هارين جو احتجاج انصاف جي گهر ڪندي فاروق ولد رحمت الله نهڙي،، محمد اقبال ولد عبدالقادر، خير محمد ولد رحمت الله نهڙي، سمون، عبدالرحمان، مجيب الرحمان ۽ ٻين نهڙي برادري ڳوٺ ٻانڊو مورا جي رهواسين پريس ڪلب مٺي پهچي دانهيدي الزام هنيو آهي ته اسان جي ڳوٺ ۾ سروي نمبر 21 ,2,39جي ،زمين کي ڳوٺ جي وڏيرن رفيق ولد عبدالقيوم، غلام رباني، امتياز احمد، خالد مصطفي،محمد عارف نثار احمد ۽ ٻين روينيو کاتي جي انتظاميا سان گڏجي اسان جي ٻنيءِ ۾ پيٽل فصل گوار،منگ، موٺ پيلار ڪري لکين روپين جو نقصان ڪري ڇڏيو آهي هنن فوري انصاف ڏيارڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا عوامي سوچ 17

ي مچتا لاءِ ضلعي صدر محمد اشرف نهڙي جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. پ ٽ الف اڳواڻن چيو ته هن احتجاج جو مقصد تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين ۽ حڪومت جو ڌيان استادن کي درپيش گنڀير مسئلن ڏانهن ڇڪائڻ ۽ جائز مطالبا تسليم ڪرائڻ آهي. اڳواڻن مطالبو ڪيو ته استادن لاءِ سروس اسٽرڪچر جو درپيش مسئلو ترت حل ڪيو وڃي، ڪلسٽر پاليسي ختم ڪئي وڃي، ۽ پراڻين تاريخن کان ريگيولرائيزيشن کان رهجي ويل استادن کي فوري طور ريگيولر ڪيو وڃي. ان کان علاوه هنن استادن جي پروموشن جو عمل مڪمل ڪرڻ، بايوميٽرڪ سسٽم کي ضلعي سطح تي آڻڻ ۽ غير منصفاڻين بدلين جو سلسلو بند ڪيو وڃي. استادن جي بدلين ۾ جيڪو موجوده سسٽم آهي انهي ۾ ڊسٽرڪٽ آفيسر توڙي ڊائريڪٽر کي به اختيار ناهن ڏنا ويا جنهن سبب استاد سنڌ سيڪريٽريٽ جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور آهي جتي لکين رپيا رشوت وٺي بدلي ڪئي ويندي آهي. ڪيترن ئي اسڪولن ۾ استادن جي بدلين جي ڪري تعليمي نظام سخت متاثر ٿيو آهي. استادن چيو ته استاد ملڪ جي مستقبل جا معمار آهن، جيڪي نئين نسل جي تعمير ۽ تربيت ۾ رات ڏينهن ڪوشش ڪن ٿا، تنهن ڪري انهن جي جائز مسئلن کي نظرانداز ڪرڻ بدران عملي قدم کنيا وڃن. هنن حڪومت ۽ تعليم کاتي کان مطالبو ڪيو ته استادن جا مطالبا ترت تسليم ڪيا وڃن جيئن هو ذهني سڪون سان تعليمي سرگرميون جاري رکي

بقايا عوامي سوچ 18

پ پ تعلقي انفارميشن سيڪريٽري ايڊووڪيٽ محمد جمن ٻگهيو، پ پ سٽي صدر قاضي جميل احمد جوڻيجو، ڳوٺ محرابپور پهچي قومپرست اڳواڻ احمد خان جتوئي اڳوڻي يوسي چيئرمين طارق محمود خان جتوئي، رئيس اسد الله جتوئي سان سندن پڦي جي وڇوڙي تي تعزيت ڪئي. تفصيل موجب پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي نائب صدر محمد علي امر خان ٻگهيو، پ پ تعلقي جنرل سيڪريٽري سردار علي ڏنو خان گاڏهي پ پ تعلقي انفارميشن سيڪريٽري ايڊووڪيٽ محمد جمن ٻگهيو، پ پ سٽي صدر قاضي جميل احمد جوڻيجو، سرائي منظور حسين مگڻ يوسي وڏي وهٽي چيئرمين محمد علي راڄپر، ايس يو پي اڳواڻ مشتاق احمد سنديلو، صحافي اطهر سنديلو ۽ ٻيا ڳوٺ محرابپور پهچي قومپرست اڳواڻ احمد خان جتوئي، اڳوڻي يوسي چيئرمين طارق محمود خان جتوئي، رئيس اسد الله جتوئي، سان سندن جي پڦي جي لاڏاڻي تي تعزيت ۽ فاتحه خواني ڪئي ڏک جو اظهار ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 19

رس، ديسي شراب جا 115 بيگ، وسڪي جا 2 پنٽ، گٽڪا ماوا جون 1050 پڙيون، 1 موٽرسائيڪل ۽ 1 لوڊر رڪشا هٿ، ڪيس داخل گهارو ٿاڻي جي ايس ايڇ او سب انسپيڪٽر فدا خاصخيلي پنهنجي عملي سميت گهارو ٿاڻي جي حد ٻاپڙا لنڪ روڊ، سمر نالي پرسان ڪارروائي ڪندي هڪ منشيات فروش جوابدار نور حسن ولد علي محمد ڳاڏ جوکيو کي 2200 گرام چرس ۽ هڪ موٽرسائيڪل سميت گرفتار ڪري ورتو. ان کان علاوه ساڪرو، گهارو، ڌاٻيجي، ٺٽو، مڪلي، جهمپير ۽ ڪيٽي بندر پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪندي گٽڪا وڪرو ڪندڙ 4 جوابدارن، علي اڪبر ولد محمد صديق ڪڙمون، شعيب ولد صللح ملاح، محمد اڪرم ولد خميسو ملاح ۽ واحد علي ولد گلي ڪنڊرا کي گٽڪا ماوا جون 1050 پڙيون ۽ هڪ لوڊر رڪشا سميت گرفتار ڪيو. جڏهن ته منشيات وڪرو ڪندڙ جوابدارن محمد حسن ولد بچل پنيرو، بابو ولد باقر ميربحر، پرويز ولد عرس سمون ۽ ممتاز ولد خدا بخش ڪيهرو کي وسڪي جون 2 پنٽ ۽ ديسي شراب جا 115 بيگ سميت گرفتار ڪيو ويو. گرفتار جوابدارن خلاف لاڳاپيل ٿاڻن تي گٽڪا ايڪٽ، نارڪوٽڪس ايڪٽ ۽ منشيات آرڊيننس تحت الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن.

بقايا عوامي سوچ 20

مان جبري طور تي پنج استادن جي ٽيل بدلي خلاف ستاواهه موري کان توقير ميمڻ سرمد باغي ميمڻ عبدالستار ميراسي عبدالوهاب جمالي عرفان خاصخيلي سڪندر سولنگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ چوهڙ جمالي پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته هائي اسڪول چوهڙ جمالي مان هڪ ئي وقت پنج استادن کي جبري طور تي بدلي ڪيو ويو آهي جيڪا سراسر ناجائزي آهي مقامي استادن کي ٻين شهرن ڏانهن بدلي ڪرڻ وارو عمل مذمت جوڳو آهي هنن مطالبو تعليم کاتي جي صوبائي وزير کان مطالبو ڪيو ته چوهڙ جمالي هائي اسڪول مان بدلي ڪيل پنج استادن کي ٻيهر هائي اسڪول چوهڙ جمالي تي مقرر ڪري استاد برادري مان بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ سنڌ حڪومت جي اهڙي تعليم دشمن عمل خلاف احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 21

ڪي فروٽ فارم کان اڳتي روڪيو ويو، جڏهن ته واقعي بابت فوري طور ريسڪيو 1122 کي اطلاع ڏنو ويو. ذريعن موجب، متاثر مسافر جو نالو راجا محبوب ٻڌايو پيو وڃي، جيڪو ڪراچي جو رهواسي هو. اطلاعن موجب، مسافر جي دل جي ڌڙڪن بند ٿيڻ سبب سندس فوت ٿيڻ جا اطلاع آهن. افسوسناڪ واقعي ڪانپوءِ ٽرين ۾ سفر ڪندڙ مسافرن ۾ ڳڻتي پکڙجي وئي. واقعي بابت وڌيڪ تفصيل سامهون اچڻا آهن.

بقايا عوامي سوچ 22

ن ڪالوني کان هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي مارچ ڪيو ۽ دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو. ان موقعي تي احتجاجي اڳواڻن امتياز لند، عنايت جمالي، عمران سومرو، وسيم ڪوڪر، امان الله هنگورو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته استادن جي سروس اسٽرڪچر جي فراهمي، مقررين کي مستقل ڪرڻ، بايوميٽرڪ نظام ۽ بدلين جا اختيار ضلعي سطح تي منتقل ڪرڻ سميت ٻين جائز مطالبن تي ٻڌل چارٽر آف ڊيمانڊ مرڪزي قيادت پاران سنڌ حڪومت کي پيش ڪيو ويو آهي، پر افسوس جو اڃا تائين ان تي عملدرآمد نه ٿي سگهيو آهي، هنن چيو ته سنڌ جي ڏيڍ لک کان وڌيڪ استادن کي سروس اسٽرڪچر کان محروم رکڻ ناانصافي آهي. استاد پنهنجيون ذميواريون نيڪ نيتي ۽ فرض شناسيءَ سان ادا ڪري رهيا آهن، ان باوجود سنڌ حڪومت پاران سندن جائز مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ گهربل قدم نه کنيا ويا آهن، احتجاج ڪندڙ استادن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته سروس اسٽرڪچر جي فراهمي، مقررين کي مستقل ڪرڻ، بايوميٽرڪ نظام ۽ بدلين جا اختيار ضلعي سطح تي منتقل ڪرڻ سميت چارٽر آف ڊيمانڊ ۾ شامل سمورا جائز مطالبا فوري طور منظور ڪري انهن تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن استادن جا مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ۽ مسئلا حل نه ٿيا ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 23

الزام. 21 آڪٽوبر تي عملدارن کي رڪارڊ سميت طلب ڪيو ويو.. تفصيل موجب زرعي توسيع کاتي سجاول ۽ ٺٽي ۾ بينظير هاري ڪارڊ پروگرام . سرڪاري گاڏين جي خرچن ۽ زرعي دوائن جي وڪري ۾ مبينا ڪرپشن ۽ جعلسازين جا الزام سامهون اچي ويا آهن. هيومن رائيٽس جسٽس اينڊ ڊفينڊرس آرگنائيزيشن جي شڪايت تي اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ حيدرآباد جاچ شروع ڪندي لاڳاپيل عملدارن کي 21 آڪٽوبر تي رڪارڊ سميت طلب ڪري ورتو آهي. هيومن رائيٽس جسٽس اينڊ ڊفينڊرس آرگنائيزيشن جي ڊپٽي ڊائريڪٽر مانيٽرنگ سيل سنڌ ايڊووڪيٽ امر جماڻي پاران داخل ڪرايل شڪايت موجب بينظير هاري ڪارڊ پروگرام ۾ ٻاهرين ضلعن جي آبادگارن جا نالا شامل ڪرڻ ۽ زمين جي گهٽ ايراضي کي وڌيڪ ڄاڻائي فراڊ ڪرڻ جا الزام آهن. شڪايت ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر سليم جوکيو، فاروق ميمڻ، منظر نظر سنگراسي ۽ اڳوڻي اڪائونٽنٽ بابو غلام قادر جوکيو سميت ٻين عملدارن بابت جاچ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. شڪايت ۾ سرڪاري گاڏين جي مرمت، پيٽرول ۽ ڊيزل جي مبينا جعلي بلن ذريعي سرڪاري رقم ڪيرائڻ جا الزام پڻ هنيا ويا آهن. جڏهن ته ميرپوربٺورو تعلقي ۾ تعلقي ۽ زرعي دوائن جي نمونن جي ليبارٽري ٽيسٽ مبينا طور ناڪام ٿيڻ باوجود ڊيلرن خلاف ڪارروائي نه ڪرڻ ۽ رشوت وٺڻ بابت ثبوت پڻ اينٽي ڪرپشن وٽ جمع ڪرايا ويا آهن. هوڏانهن سجاول ۽ ٺٽي جي هارين سنڌ حڪومت، نيب ۽ اينٽي ڪرپشن اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته هاري ڪارڊن جي فهرستن جي شفاف جاچ ڪرائي، ٻاهرين ضلعن جي ماڻهن جا نالا شامل ڪرڻ ۽ سرڪاري فنڊن ۾ مبينا بي ضابطگين جي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن حقيقي ۽ مستحق هارين کي سندن حق ملي سگهي جڏهن ته زرعي ٻج، ڀاڻ ۽ دوائن جي دڪانن جي جاچ ڪرائي وڃي ۽ جعلي ۽ غير معياري دوائون وڪرو ڪندڙ ڊيلرن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي..

بقايا عوامي سوچ 24

گيڊ گاڏي فراهم ڪئي وئي، جنهن جو افتتاح ايم پي اي ٻئريسٽر پير مجيب الحق رٻن ڪاتي ڪيو، ان موقعي تي پيپلز پارٽي جي اڳواڻن، بلدياتي نمائندن ۽ معزز شهرين جديد فائر برگيڊ گاڏي جي فراهمي کي شهر جي عوام لاءِ هڪ اهم سهولت قرار ڏيندي سنڌ حڪومت، پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ بلديات واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه جا ٿورا مڃيا. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ايم پي اي ٻئريسٽر پير مجيب الحق چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي پارٽي آهي، جيڪا عوام جي خدمت ۽ شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ کي پنهنجو فرض سمجهي ٿي دادو شهر ضلعي جو هيڊڪوارٽر آهي، جتي آبادي ۾ مسلسل واڌ سبب شهر جون ضرورتون پڻ وڌي رهيون آهن، اهڙي صورتحال ۾ باهه لڳڻ جي واقعن کي منهن ڏيڻ ۽ انساني جانين توڙي ملڪيتن کي نقصان کان بچائڻ لاءِ جديد فائر برگيڊ گاڏي جي فراهمي وقت جي اهم ضرورت هئي، هن چيو ته ماضي ۾ دادو شهر اندر باهه لڳڻ جا ڪيترائي افسوسناڪ واقعا پيش اچي چڪا آهن، جن جي نتيجي ۾ شهرين کي جاني ۽ مالي نقصان برداشت ڪرڻو پيو، جديد فائر برگيڊ گاڏي جي موجودگي سان هنگامي حالتن ۾ امدادي ڪارروايون وڌيڪ تيزي ۽ اثرائتي نموني سرانجام ڏيڻ ۾ مدد ملندي ۽ باهه جي واقعن دوران نقصان گهٽائڻ جا امڪان وڌندا، ٻئريسٽر پير مجيب الحق وڌيڪ چيو ته صرف جديد گاڏي جي فراهمي ڪافي ناهي، پر فائر برگيڊ عملي کي جديد اوزارن ۽ ضروري سامان سان مڪمل طور ليس ڪرڻ سان گڏ عملي جي باقاعده تربيت پڻ يقيني بڻائڻ گهرجي، جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ بنا دير پهچي امدادي ڪارروايون ڪري سگهجن، هن لاڳاپيل بلدياتي اختيارين تي زور ڏنو ته شهر جي وڌندڙ آبادي، صفائي سترائي، ڪچري جي نيڪال ۽ ٻين شهري مسئلن کي نظر ۾ رکندي گهربل مشينري ۽ وسيلا فراهم ڪيا وڃن، هن چيو ته شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ، شهري سهولتن ۾ بهتري ۽ عوام جي مسئلن جو حل پيپلز پارٽي جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي، جديد فائر برگيڊ گاڏي جي فراهمي پڻ انهيءَ سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي آهي، جنهن سان دادو شهر ۾ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت ۾ بهتري ايندي، تقريب ۾ پيپلز پارٽي تعلقي دادو جي صدر ايم عمر پنهور، سٽي صدر احمد نواز سولنگي، سينئر نائب صدر محمد حسين سولنگي، رمضان سولنگي،ميونسپل ڪاميٽي دادو جي چيف آفيسر مختيار راهپوٽو، اڪائونٽس آفيسر جاويد راهپوٽو، علاول منگي، حاجي لياقت سومرو، افتخار راهوجو، طاهر لغاري،ڪائونسلرن ۽ ٻين معزز شهرين شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 25

ات جي خاتمي لاءِ جاري ڪيل حڪمن تي عملدرآمد بابت به سوال اٿڻ لڳا آهن. شهرين جو الزام آهي ته پوليس جي مبينا سرپرستيءَ هيٺ دڙو ۾ مختلف قسمن جي منشيات جو ڪاروبار جاري آهي ۽ دڙو شهر ۾ گٽڪو، مائو، انڊين گٽڪا، سفيا، آداب، 21_Z سميت شراب، چرس ۽ آئيس جهڙي منشيات سرعام وڪرو ٿي رهي آهي . شهرين موجب، منشيات جي وڌندڙ ڪاروبار سبب نوجوان نسل جو مستقبل داءَ تي لڳل آهي، جڏهن ته منشيات جي عادي ماڻهن جي سرگرمين سبب عام شهرين کي به مختلف مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ۽ دڙو ۾ بدامني ۾ پڻ اضافو ٿي ويو آهي... ذريعن موجب، ايس ايس پي آفيس سجاول پاران منشيات فروشن بابت لسٽ جاري ڪرڻ باوجود دڙو شهر ۾ اي ڪيٽيگري ۾ شامل ڄاڻايل منشيات فروشن خلاف ڪارروائي نه ٿيڻ تي ڪيترائي سوال پيدا ٿي رهيا آهن. شهرين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن منشيات جي خاتمي لاءِ فهرستون تيار ڪيون ويون آهن ته پوءِ انهن ۾ شامل ماڻهن خلاف عملي قدم ڇو نٿا کنيا وڃن؟ ٻئي طرف منشيات فروشن پاران پوليس جي سرپرستي ۾ دڙو شهر ۾ شراب جي مبينا هوم ڊليوري سروس ڪ پڻ شروع ڪري ڇڏي آهي جتي هڪ فون ڪال تي شراب گهر تائين پهچائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي ٿو. ان کان علاوه دڙو شهر ۾ آڪڙا پرچي ۽ جوا جا اڏا سرعام هلڻ جون به شڪايتون وڌي ويون آهن. جنهن سبب ڪيترائي نوجوان مبينا طور جوا جي سرگرمين ڏانهن مائل ٿي رهيا آهن. شهرين جو چوڻ آهي ته منشيات ۽ جوا جي وڌندڙ رجحانن سبب نوجوانن جي تعليم، روزگار ۽ خانداني زندگي متاثر ٿيڻ جو خدشو وڌي ويو آهي. شهرين موجب، خاص طور تي آئيس جي استعمال ڪندڙ ماڻهن جي سرگرمين سوجوانن جي بحالي ۽ روڪٿام لاءِ به اثرائتا قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. دڙو جي شهرين، عوامي پريس ڪلب دڙو جي صحافين ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي سجاول ۽ اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته شهر ۾ منشيات جي ڪاروبار، شراب جي هوم ڊليوري، آڪڙا پرچي ۽ جوا جي اڏن بابت غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي. ايس ايس پي سجاول پاران جاري ڪيل هدايتن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائي، قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف بنا ڪنهن فرق جي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ منشيات جي ڪاروبار ۾ مبينا طور ملوث ماڻهن سان گڏوگڏ جيڪڏهن ڪو پوليس اهلڪار سهولتڪاري يا سرپرستيءَ ۾ ملوث هجي ته ان خلاف به قانون موجب قدم کنيا وڃن، جيئن دڙو شهر کي منشيات ۽ جوا جي ناسور کان پاڪ ڪري نوجوان نسل جو مستقبل محفوظ بڻائي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 26

م حسين چانگ، جمال محمود کهڙو، ياسين راڄپر، خير محمد، عامر مريد راڄپر، عبدالرزاق شر وحيد وساڻ، ڪليم الله ڪوڪر، سڪندر راڄپر ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي صحافي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته خيرپور ضلعي ۾ صحافي غير محفوظ بڻيل آهن. صحافين کان موبائل فون، موٽر سائيڪل چوري ۽ ڦر روز جو معمول بڻيل آهي، پر پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۽ چوري ٿيل سامان واپس ڪرائڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي وئي آهي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته پوليس خيرپور ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي، ڌوهاري کلي عام گهمي رهيا آهن جڏهن ته صحافين کي انصاف نٿو ملي مظاهرين انتظاميا کي چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن خيرپور جي صحافين جون ٿيل چوريون ۽ ڦرون 27 آڪٽوبر تائين واپس نه ڪيون ويون ته ايس ايس پي خيرپور جي آفيس اڳيان اڻٽاٽل مدي تائين ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 27

عقوب ملڪ چيو ته ايس ايم تنوير ۽ سندس ٽيم ملڪ جي مختلف چيمبرز آف ڪامرس سان رابطن، واپاري برادري جي مسئلن جي حل ۽ ڪاروباري سرگرمين جي واڌاري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. ايس ايم تنوير ملڪ جي معيشت کي بهتر بڻائڻ ۽ وياج جي شرح ۾ گهٽتائي لاءِ پڻ جدوجهد ڪئي آهي،هن چيو ته ايس ايم تنوير ۽ سندس ٽيم جو منشور ڪاروبار کي هٿي وٺرائڻ، واپارين کي درپيش مسئلن جو حل ڪڍڻ ۽ ملڪ جي معيشت کي مستحڪم بڻائڻ آهي. سندس چوڻ هو ته هلندڙ سال واپاري برادري ٽيڪس ادا ڪيا آهن، جڏهن ته معيشت جي بهتري لاءِ فيڊريشن جي سطح تي پڻ ڪوششون ڪيون ويون آهن.نائب صدر شهزاد شيواني چيو ته واپاري برادري جي مسئلن جو حل، ڪاروباري سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ ۽ صنعت توڙي واپار لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن چيو ته ايس ايم تنوير سنڌ جي واپارين جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ پڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي،انهن ئي سببن کي نظر ۾ رکندي سکر چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري پاران ڊسمبر ۾ ٿيندڙ ايف پي سي سي آءِ جي چونڊن ۾ ايس ايم تنوير ۽ سندس ٽيم جي حمايت ڪئي ويندي،پريس ڪانفرنس دوران آن عزم جو اظهار پڻ ڪيو ويو ته واپاري برادري جا مسئلا اجاگر ڪرڻ ۽ ڪاروباري شعبي جي ترقي لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکيون وينديون.

بقايا عوامي سوچ 28

ڪ چوري ۾ سفينا سپلائي ڪندو هو پرديپ ميگهواڙ ڪجهه سال اڳ ڪي پي ڪي جي اڳوڻي وڏي وزير علي امين گنڊا پور متان مني ٽائي ڪيس پڻ داخل ڪرايو هو.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

شيعہ علماءَ ڪونسل پاڪستان صوبي سنڌ جي صوبائي جعفريہ ڪونسل جو اجلاس

اجلاس آڊيٽوريم هال نوابشاهہ ۾ صوبي سنڌ جي صدر علامہ سيد اسد اقبال زيدي جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو

اجلاس کي قائد ملت جعفريہ پاڪستان ۽ شيعہ علماءَ ڪونسل پاڪستان جي سربراهہ علامہ سيد ساجد علي نقوي ٽيليفوني خطاب

تنظيمي سرگرمي، وحدت ۽ اخوت ۽ عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ مسلسل جدوجهد بنيادي اهميت جي حامل آهي

نوابشاهہ (رپورٽ ڪاشف علي رند)شيعہ علماء ڪونسل پاڪستان صوبي سنڌ جي صوبائي جعفريہ ڪونسل جو اجلاس آڊيٽوريم هال نوابشاهہ ۾ صوبي سنڌ جي صدر علامہ سيد اسد اقبال زيدي جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو اجلاس کي قائد ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

استيٽ مختيارڪار سجاول عبدالرزاق سومرو ڪجهہ عرصو بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويو

سندس لاڏاڻي جي خبر علائقي ۾ ڏک جي لهر پکيڙي ڇڏي سندس جنازي نماز ميرپور بٺورو ۾ ادا ڪئي

جنازي نماز ۾ پ پ ايم پي اي شاهہ حسين شاهہ شيرازي اڳوڻو ضلعي صدر ارباب وزير ميمڻ جسقم آريسر گروپ جي چيئرمين اسلم خيرپوري شريڪ

مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي آخري رسمون اباڻي قبرستان بٺورو ۾ ادا ڪيون

سجاول (رپورٽ:امتياز ميمڻ) استيٽ مختيارڪار سجاول عبدالرزاق سومرو ڪجهہ عرصو بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويو سندس لاڏاڻي جي خبر علائقي ۾ ڏک جي لهر پکيڙي ڇڏي سندس جنازي نماز ميرپور بٺورو ۾ ادا ڪئي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

لاڙڪاڻي ۾ شادي تقريب ۾ مبينا طور هوائي فائرنگ دوران گولي لڳڻ سبب نوجوان فوت سندس گهر ۾ ڪهرام

لاڙڪاڻي ۾ شادي تقريب ۾ مبينا طور هوائي فائرنگ دوران گولي لڳڻ سبب نوجوان فوت سندس گهر ۾ ڪهرام

جنهن کي سندس وارثن ڦٽيل حالت ۾ کڻائي ٽراما سينٽر لاڙڪاڻو آندو، جتي نوجوان زخمن جا سور نہ سهندي دم ڏئي حوالي

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي ۾ شادي تقريب ۾ مبينا طور هوائي فائرنگ دوران گولي لڳڻ سبب نوجوان فوت سندس گهر ۾ ڪهرام. /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

پيپلزپارٽي ضلعي سجاول پاران ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ياد ۾ درگاهہ شاهہ يقيق بس اسٽينڊ گرائونڊ تي هڪ وڏو جلسي عام منعقد

شهيدن کي زبردست خراج تحسين پيش ڪئي وئي جلسي ۾ پيپلزپارٽي جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ علائقي جي ماڻهن هزارن جي انگ ۾ شرڪت ڪئي

شهيدن جي قربانين کي ياد ڪندي جمهوريت جي بقا، عوامي حقن ۽ پارٽي جي جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ جو عزم ورجايو ويو

18 آڪٽوبر 2007ع تي شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جي وطن واپسيءَ جي موقعي تي ڪراچيءَ ۾ ڪارساز وٽ سندس قافلي تي بم ڌماڪن ذريعي حملو ڪيو ويو

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني) پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي سجاول پاران 18 آڪٽوبر ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ياد ۾ درگاهہ شاهہ يقيق بس اسٽينڊ گرائونڊ تي هڪ وڏو جلسي عام منعقد ڪري شهيدن کي زبردست خراج ت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

نارا ضلع خيرپور: 300 شاگردن واري اسڪول مان ٻن استادن جي بدلي، تعليم متاثر ٿيڻ جو خدشو

ٻن استادن جي بدلي ڪانپوءِ صرف هڪ استاد رهجي وڃڻ سبب شاگردن جي تعليم متاثر ٿيڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو

اسڪول ۾ شاگردن جو وڏو انگ موجود هجڻ باوجود ٻن استادن جي بدلي ڪرڻ واري فيصلي تي ڳوٺاڻن ۽ تعليم سان لاڳاپيل ماڻهن پاران خدشا ظاهر ڪيا پيا وڃن

هڪ استاد لاءِ 300 شاگردن کي پڙهائڻ، مختلف ڪلاسن جو انتظام سنڀالڻ ۽ تعليمي سرگرمين کي بهتر نموني جاري رکڻ انتهائي ڏکيو ٿي سگهي ٿو

نارا (رپورٽ: غلام نبي ميرجت) تعلقہ نارا، ضلعي خيرپور جي گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول محمد مٺل پنيرو (سيمس ڪوڊ: 415070192) مان ٻن استادن جي بدلي ٿيڻ واري معاملي تي ڳڻتي ظاهر ڪئي پئي وڃي. اسڪو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

غريب آباد پوليس جي ڪارروائي، گٽڪي ۽ سفيني جا 450 پيڪٽ هٿ، ٻہ جوابدار گرفتار

ميرپورخاص ۾ ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ڊي ايس پي جي هدايتن تي غريب آباد پوليس گشت دوران ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي

ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان گٽڪي ۽ سفيني جا 450 پيڪٽ هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

گرفتار جوابدارن وٽان آداب گٽڪي جا 275 پيڪٽ ۽ سفيني جا 175 پيڪٽ هٿ ڪيا ويا آهن

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) غريب آباد پوليس جي ڪارروائي، گٽڪي ۽ سفيني جا 450 پيڪٽ هٿ، ٻہ جوابدار گرفتار ميرپورخاص ۾ ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ڊي ايس پي جي هدايتن تي غريب آباد پوليس گشت دوران ڳجهي اطلاع تي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

اسپورٽس اينڊ يوٿ ڊپارٽمينٽ سنڌ جي سهڪار سان ارباب امير حسن ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ پڄاڻيءَ تي پهتو

ايم پي اي ارباب لطف الله جي سرپرستيءَ ۾ 16 کان 18 آڪٽوبر تائين ارباب امير حسن ڪرڪيٽ گرائونڊ، مٺي ۾ ڊويزنل سطح جو ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ منعقد ٿيو

جنهن ۾ ٿرپارڪر ۽ ميرپورخاص ڊويزن جي 16 ٽيمن حصو ورتو، ٽورنامينٽ جو فائنل ٿرپارڪر جي مقامي ٽيمن ارباب امير حسن ڪرڪيٽ ٽيم ۽ ڏاراڻي لوورز وچ ۾ کيڏيو ويو

واپاري ايسوسيئيشن جو صدر شام سنڌر، اسلم قائم خاني ۽ ٻين معزز شخصيتن، واپارين، شهرين ۽ ڪرڪيٽ جي شوقينن شرڪت ڪئي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) اسپورٽس اينڊ يوٿ ڊپارٽمينٽ سنڌ جي سهڪار ۽ ايم پي اي ارباب لطف الله جي سرپرستيءَ ۾ 16 کان 18 آڪٽوبر تائين ارباب امير حسن ڪرڪيٽ گرائونڊ، مٺي ۾ ڊويزنل سطح جو ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

سجاول ۾ مختلف چوڪن تان اهڙي انڪروچمينٽ هٽائڻ لاءِ روينيو کاتي عملدارن جي اڳواڻي ۾ اڄ کان آپريشن مرحلو شروع

ون فائيو فورس سنڌ پوليس شامل اڄ پبلڪ پارڪ وٽان ڪافي ريڙها سبزي مڇي فروٽ فروش حددخلين ڪندڙن کي هٽائڻ سان گڏ چاپرا پڻ پٽرايا ويا

نوٽيس تي عمل نہ ڪندڙن تي ڪيس داخل ڪرڻ سان گڏ ڪين گرفتار ڪيو ويندو متن ڏنڊ لڳايو ويندو بهتر آهي هو انتظاميا جي حڪم تي عمل ڪن

سجاول(رپورٽ:امتياز ميمڻ) عدالتي حڪم تي سجاول انتظاميہ طرفان شهرجي مين پارڪ کان حددخلين. قبضا ختم ڪرائڻ ريڙهن سبزي مڇي فروشن توڙي شهرجي مين روڊ گهٽين مين بازارن مختلف چوڪن تان اهڙي انڪروچمينٽ هٽائڻ لاءِ روينيو کاتي عملدارن جي اڳواڻي ۾ اڄ کان آپريشن مرحلو شروع ڪيو ويو آهي انڪروچمينٽ هٽائڻ لاءِ روينيو کاتي عملدارن سان گ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

پي پي ايڇ آءِ اي زون منظور احمد (پراونشل مئنيجمينٽ سروسز) مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيل خبرن جو نوٽيس

پرائمري هيلٿ سينٽر محمود آباد جو دورو ڪيو

مئنيجر ميڊيڪل آفيسر هيڊ ڪوارٽر ڊاڪٽر سنيل ڪمار ۽ مانيٽرنگ آفيسر پريچي مل سان گڏ مختلف شعبن جو جائزو ورتو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ضلعي مئنيجر پيپلز پرائمري هيلٿ ڪيئر انيشيئيٽوز (پي پي ايڇ آءِ) اي زون منظور احمد (پراونشل مئنيجمينٽ سروسز) مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيل خبرن جو نوٽيس وٺندي، پرائمري هيلٿ سينٽر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ٺٽو پوليس جون ڪامياب ڪارروايون، 4 گٽڪا وڪرو ڪندڙ ۽ 5 منشيات وڪرو ڪندڙن سميت 9 جوابدار گرفتار

ديسي شراب جا 115 بيگ، وسڪي جا 2 پنٽ، گٽڪا ماوا جون 1050 پڙيون، 1 موٽرسائيڪل ۽ 1 لوڊر رڪشا هٿ، ڪيس داخل

جوابدار نور حسن ولد علي محمد ڳاڏ جو ڪيو کي 2200 گرام چرس ۽ هڪ موٽرسائيڪل سميت گرفتار ڪري ورتو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)ٺٽو پوليس جون ڪامياب ڪارروايون. 4 گٽڪا وڪرو ڪندڙ ۽ 5 منشيات وڪرو ڪندڙن سميت 9 جوابدار گرفتار، 2200 گرام چ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

اڳوڻي يوسي چيئرمين طارق محمود خان جتوئي، رئيس اسد الله جتوئي سان سندن ڀڃي جي وڇوڙي تي تعزيت

محمد علي راڄپر، ايس يو پي اڳواڻ مشتاق احمد سنديلو، صحافي اطهر سنديلو ۽ ٻيا ڳوٺ محرابپور پهتو

قومپرست اڳواڻ احمد خان جتوئي، اڳوڻي يوسي چيئرمين طارق محمود خان جتوئي سان تعزيت

ڏوڪري(رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي نائب صدر محمد علي امرخان ٻگهيو، پ پ تعلقي جنرل سيڪريٽري سردار علي ڏنو خان گاڏهي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

پ ٽ الف ضلعي ٿرپارڪر پاران مٺي ۾ استادن جي بنيادي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين ۽ حڪومت جو ڌيان استادن کي درپيش گنڀير مسئلن ڏانهن ڇڪائڻ ۽ جائز مطالبا تسليم ڪرائڻ آهي

استادن لاءِ سروس اسٽرڪچر جو درپيش مسئلو ترت حل ڪيو وڃي، ڪلسٽر پاليسي ختم ڪئي وڃي

مٺي (ڊ-رمحمدرحيم مگريو) پ ٽ الف مرڪز جي ڏنل احتجاجي ڪال تي پ ٽ الف ضلعي ٿرپارڪر پاران مٺي ۾ استادن جي بنيادي مطالبن ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ٽپيدار پمرسنگ ٺڪر ۽ باٿر وڏيرن سروي زرعي زمين پيلار ڪرڻ خلاف زميندار ۽ هارين جو احتجاج

ٻيٽل فصل گوار، مڱ، موٺ پيلار ڪري لکين روپين جو نقصان ڪري ڇڏيو آهي هنن فوري انصاف ڏيارڻ جو مطالبو ڪيو آهي

مٺي (ڊ-ر محمدرحيم مگريو) مختيارڪار ڪلوئي، ٽپيدار ٽپيدار پمرسنگ ٺڪر ۽ باٿر وڏيرن سروي زرعي زمين پيلار ڪرڻ خلاف زمين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ٺٽي ۾ سانحي ڪارساز جي شهيدن جي 19هين ورسي جي تقريب، شهيدن کي ڀيٽا پيش

سانحي ڪارساز جي شهيدن جي 19هين ورسي جي سلسلي ۾ ٺٽي ۾ پڻ تقريب منعقد ڪئي وئي

جنهن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪري شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۾ سانحي ڪارساز جي شهيدن جي 19هين ورسي جي تقريب، شهيدن کي ڀيٽا پيش _ سانحي ڪارساز جي شهيدن ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

چوڌري شهزاد قتل ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي

لاشاري برادريءَ جي وڌيڪ چئن جوابدارن جي ضمانت منظور، برادريءَ ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي

هن ڪيس ۾ نامزد سمورن 9 جوابدارن جون ضمانتون منظور ٿي چڪيون آهن

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) چوڌري شهزاد قتل ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي. لاشاري برادريءَ جي وڌيڪ چئن جوابدارن جي ضمانت منظور/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

ور شهر پرسان 103 موري جي رهواسڻ نصرت پنهنجي مڙس شاهنواز نوحاڻي سان گڏ ٺٽي پهچي احتجاج

سندس مائٽن زندگي جنجال بڻائي ڇڏي آهي. احتجاج ڪندڙ عورت نصرت

هاڻي پنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪرڻ تي ڪيس ۽ سندس مڙس کي مبينا طور هراسان ڪيو پيو وڃي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ور شهر پرسان 103 موري جي رهواسڻ نصرت پنهنجي مڙس شاهنواز نوحاڻي سان گڏ ٺٽي پهچي احتجاج ڪندي چيو آهي ت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ٺٽي ۾ پ ٽ الف جي سڏ تي مڪلي ۾ استادن جي جائز مطالبن جي حل لاءِ احتجاج

محمد سرور جوکيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مڪلي پبلڪ پارڪ کان ڊي سي آفيس چوڪ تائين احتجاجي مارچ ڪري سخت نعريبازي

استادن جا جائز مسئلا حل ڪري ڪين پريشاني کان بچايو وڃي، ٻي صورت ۾ مسئلن جي حل لاءِ ڪراچي جو رخ ڪيو ويندو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) سڄي سنڌ جيان ٺٽي ۾ ب پ ٽ الف جي سڏ تي ضلعي هيڊ ڪوارٽر مڪلي ۾ استادن جي جائز مطالبن جي حل لاءِ هڪ احت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

سرويچ سجاوليءَ لاڙ جي جو تمام گهڻو سگهارو، عوام دوست، جمهوريت دوست ۽ قوم دوست شاعر هيو: خدا بخش لاشاري

ڌرتيءَ سان محبت جون ڏياٽيون ٻارڻ سان گڏوگڏ آمريت، ظلم، جبر ۽ جاگيرداريءَ خلاف نفرت پيدا ڪئي

پاڻيءَ جي کوٽ جي ڪري ٿيندڙ تباهڪارين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي ساحلي پٽيءَ ۾ ساحلي ميلو لڳايو وڃي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) سرويچ سجاوليءَ جي شاعريءَ سنڌ جي اندر قومي حقن ۽ ڌرتيءَ سان محبت جون ڏياٽيون ٻارڻ سان گڏوگڏ آمريت، ظلم، /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

نواز شاهہ پاڏائي جي مڪليءَ واري رهائشگاهہ تي فائرنگ خلاف جيئي سنڌ محاذ جو احتجاج

جيئي سنڌ محاذ ضلعي ٺٽي پاران ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي

مظاهرين نواز شاهہ پاڏائي جي گهر تي فائرنگ واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) نواز شاهہ پاڏائي جي مڪليءَ واري رهائشگاهہ تي فائرنگ خلاف جيئي سنڌ محاذ جو ايوان صحافت ٺٽو اڳيان احتجاج. /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

هائي اسڪول چوهڙ جمالي جي استادن جي جبري بدلين خلاف اسٽوڊنٽ فيڊريشن پاران ريلي ڪڍي احتجاج

عبدالستار ميراسي عبدالوهاب جمالي عرفان خاصخيلي سڪندر سولنگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ چوهڙ جمالي پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو

هائي اسڪول چوهڙ جمالي مان هڪ ئي وقت پنج استادن کي جبري طور تي بدلي ڪيو ويو آهي جيڪا سراسر ناجائزي آهي

مقامي استادن کي ٻين شهرن ڏانهن بدلي ڪرڻ وارو عمل مذمت جوڳو آهي هنن مطالبو تعليم کاتي جي صوبائي وزير کان مطالبو

چوهڙ جمالي(رپورٽ شاهدحسيني)هائي اسڪول چوهڙ جمالي جي استادن جي جبري بدلين خلاف اسٽوڊنٽ فيڊريشن پاران ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو اسٽوڊنٽ فيڊريشن يونٽ چوهڙ جمالي پاران هائي اسڪول چوهڙ جمالي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

شاهہ لطيف ايڪسپريس ۾ مسافر جي طبيعت اوچتو خراب، ٽرين روڪي وئي، مسافر جي فوت ٿيڻ جا اطلاع

شاهہ لطيف ايڪسپريس ۾ هڪ مسافر جي اوچتو طبيعت خراب ٿيڻ سبب ٽرين کي فروٽ فارم کان اڳتي روڪيو ويو

واقعي بابت فوري طور ريسڪيو 1122 کي اطلاع ڏنو ويو. ذريعن موجب، متاثر مسافر جو نالو راجا محبوب ٻڌايو پيو وڃي

افسوسناڪ واقعي ڪانپوءِ ٽرين ۾ سفر ڪندڙ مسافرن ۾ ڳڻتي پکڙجي وئي. واقعي بابت وڌيڪ تفصيل سامهون اچڻا آهن

ميرپور خاص (بيوروچيف سومارسميجو)شاهہ لطيف ايڪسپريس ۾ مسافر جي طبيعت اوچتو خراب، ٽرين روڪي وئي، مسافر جي فوت ٿيڻ جا اطلاع ميرپورخاص: شاهہ لطيف ايڪسپريس ۾ هڪ مسافر جي اوچتو طبيعت خراب ٿيڻ سبب ٽرين /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

دادو ۾ استادن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ڌرڻو

سروس اسٽرڪچر سميت چارٽر آف ڊيمانڊ تي فوري عمل جو مطالبو

سنڌ جي ڊيڊلک کان وڌيڪ استادن کي سروس اسٽرڪچر کان محروم رکڻ ناانصافي آهي: پ ٽ الف اڳواڻ

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن (پ ٽ الف) جي مرڪزي سڏ تي دادو ۾ استادن پنهنجن جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ ايريگيشن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

سجاول ۽ ٺٽي جي زرعي توسيع کاتي ۾ مبينا ميگا ڪرپشن، اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ پاران جاچ تيز

هاري ڪارڊن ۾ ٻاهرين ضلعن جا نالا، سرڪاري ڳاڏين جي بلن ۾ بي ضابطگين ۽ جعلي زرعي دوائن جي وڪري جا الزام، 21 آڪٽوبر تي عملدارن کي رڪارڊ سميت طلب ڪيو ويو

زرعي توسيع کاتي سجاول ۽ ٺٽي ۾ بينظير هاري ڪارڊ پروگرام، سرڪاري ڳاڏين جي خرچن ۽ زرعي دوائن جي وڪري ۾ مبينا ڪرپشن ۽ جعلسازين جا الزام سامهون اچي ويا

هيومن رائيٽس جسٽس اينڊ ڊفينڊرس آرگنائيزيشن جي شڪايت تي اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ حيدرآباد جاچ شروع

دڙو (رپورٽر)سجاول ۽ ٺٽي جي زرعي توسيع کاتي ۾ مبينا ميگا ڪرپشن، اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ پاران جاچ تيز هاري ڪارڊن ۾ ٻاهرين ضلعن جا نالا، سرڪاري ڳاڏين جي بلن ۾ بي ضابطگين ۽ جعلي زرعي دوائن جي وڪري جا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

دادو کي جديد فائر برگيڊ گاڏي ملي وئي، بئريسٽر پير مجيب الحق ربن ڪاٽي افتتاح ڪري ڇڏيو

عوام کي هنگامي حالتن ۾ فوري سهولتون فراهم ڪرڻ پيپلزپارٽي جي اولين ترجيح آهي: بئريسٽر پير مجيب الحق

پيپلزپارٽي جي اڳواڻن، بلدياتي نمائندن ۽ معزز شهرين جديد فائر برگيڊ گاڏي جي فراهمي کي شهر جي عوام لاءِ هڪ اهم سهولت قرار

بلاول ڀٽو زرداري، وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ۽ بلديات واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهہ جا ٿورا مڃيا

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي دادو جي صدر ۽ ايم پي اي بئريسٽر پير مجيب الحق ۽ ميونسپل ڪاميٽي دادو جي چيئرمين پير دانش علي جي ڪوشش سان دادو شهر کي جديد ۽ اسٽيٽ آف دي آرٽ فائر بر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

دڙو ۾ منشيات جو ڪاروبار عروج تي، نئين مقرر ٿيل ايس ايس پي سجاول جا حڪم نظرانداز

نوجوان نسل جو مستقبل داءُ تي لڳل، اي ڪيٽيگري ۾ شامل منشيات فروش خلاف ٻہ ڪارروائي نہ ٿي سگهي

دڙو شهر ۾ منشيات جي مبينا سرعام وڪري، جوا ۽ آڪڙا پرچي جي اڏن جي سرگرمين سبب شهري سخت پريشان ٿي ويا

سجاول ضلعي ۾ نئين مقرر ٿيل ايس ايس پي محمد عثمان سدوزئي پاران منشيات جي خاتمي لاءِ جاري ڪيل حڪمن تي عملدرآمد بابت ٻہ سوال اٿڻ لڳا

دڙو (رپورٽر) دڙو شهر ۾ منشيات جي مبينا سرعام وڪري، جوا ۽ آڪڙا پرچي جي اڏن جي سرگرمين سبب شهري سخت پريشان ٿي ويا آهن. جڏهن تہ سجاول ضلعي ۾ نئين مقرر ٿيل ايس ايس پي محمد عثمان سدوزئي پاران منشي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

خيرپور ضلعي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ صحافين کان ٿيل چورين ۽ ڦرون واپس نہ ٿيڻ خلاف احتجاج

ڌرڻي جي اڳواڻي غلام حسين چانگ، جمال محمود کهڙو، ياسين راڄپر، خير محمد، عامر مريد راڄپر، عبدالرزاق شر وحيد وساڻ، ڪليم الله ڪوڪر، سڪندر راڄپر ۽ ٻين ڪئي

خيرپور ضلعي ۾ صحافي غير محفوظ بڻيل آهن، صحافين کان موبائل فون، موٽر سائيڪل چوري ۽ ڦر روز جو معمول بڻيل آهي

پر پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۽ چوري ٿيل سامان واپس ڪرائڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي وئي آهي

فقيرآباد (رپورٽر عبدالرزاق شر)خيرپور ضلعي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ صحافين کان ٿيل چورين ۽ ڦرون واپس نہ ٿيڻ خلاف خيرپور صحافي اتحاد طرفان ڪنب اولڊ نيشنل هاءِ وي تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي جي اڳواڻي غلا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

سکر چيمبر آف ڪامرس جي پريس ڪانفرنس، ڊسمبر ۾ ايف پي سي سي آءِ جي چونڊن ۾ ايس ايم تنوير جي حمايت جو اعلان

سکر چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي صدر محمد يعقوب ملڪ، نائب صدر شهزاد شيواني ۽ عامر غوري گڏيل پريس ڪانفرنس

ڊسمبر ۾ ٿيندڙ فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرز آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري (ايف پي سي سي آءِ) جي چونڊن ۾ ايس ايم تنوير ۽ سندس ٽيم جي حمايت جو اعلان ڪيو

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) سکر چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي صدر محمد يعقوب ملڪ. نائب صدر شهزاد شيواني ۽ عامر غوري گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي ڊسمبر ۾ ٿيندڙ فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرز آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري (ايف پي سي سي آءِ) جي چونڊن ۾ ايس ايم تنوير ۽ سندس ٽيم جي حمايت جو اعلان ڪيو آهي.ان موقعي تي صدر محمد ي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

سي آئي اي پوليس ٿرپارڪر مٺي ڏراڙ روڊ تي ڪارروائي

رڪشي مان سفينا جا 2 ڪٽا هٿ ڪري هڪ ڄڻي پرديپ ميگهواڙ کي گرفتار ڪري ورتو

پرديپ ميگهواڙ ڪافي وقت کان لڪ چوري ۾ سفينا سپلائي ڪندو هو

مٺي (ڊ-رمحمدرحيم مگريو) سي آئي اي پوليس ٿرپارڪر مٺي ڏراڙ روڊ تي ڪارروائي ڪندي رڪشي مان سفينا جا 2 ڪٽا هٿ ڪري هڪ ڄڻي پرديپ ميگهواڙ کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب پرديپ ميگهواڙ ڪافي وقت کان ل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28